# اخبار جي باري ۾ سوال جواب


• دنيا جي سڀ کان پهرين اخبار 2
• گرفتار ٿيل چور جي خبر لڳائڻ ڪيئن؟ 12
• دهشت گردي جي واردات جي خبر ڇاپڻ جا نقصان 16
• خبر معلوم ڪرڻ جي انوکي حڪايت 46
• اخبار پڙهڻ ڪيئن ؟ 47



شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابوبلال

مُحَمَّد الياس عطّارؔ قادري رضوي دامت برکاتهم العاليه

شيخ طريقت، امير اهلسنت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

دامت برڪاتهم العَاليه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جن جو اُردو زبان ۾ رسالو

# اخبار جي باري ۾ سوال جواب

## ترجمو پيشڪش

مجلس تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلس تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)**

**عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران**

**پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**فون نمبر:** 021-34921389-90-91

E-mail: majlistarajim@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪجهه هِن رسالي جي باري ۾........

عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ جي رمضان هال ۾ 6 جمادَي الأُخرٰي 1433ھ (28.4.12) ڇنڇر جي رات اليڪٽرانڪ ميڊيا ۽ پيپر ميڊيا جي صحافين ۽ ٻين لاڳاپيل اسلامي ڀائرن جو مدني مُذاڪرو ٿيو جيڪو رات دير تائين جاري رهيو، هڪ صحافي مدني مُذاڪري ۾ جڏهن تہ هڪ ٻئي مدني چينل ڪي ڏنل تاثرات ۾ (جنهن ڪي دعوتِ اسلامي جي ”مدني خبرن“ ۾ مدني چينل تي مون پنهنجي رهائشگاھ تي ٻُڌو) صحافت جي حوالي سان رهنمائي بابت رسالو شايع ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو. منهنجو بہ اڳ ۾ ئي رسالو پيش ڪرڻ جو ذهن هو ۽ اِنهي سلسلي ۾ مون وٽ سوال جواب جي صورت ۾ ڪافي مواد موجود هو، جيڪو (هاڻي) ”**اخبار جي باري ۾ سُوال جواب**“ جي نالي سان اوهان جي هٿن ۾ آهي. **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ ان جي مؤلّف ۽ تحقيق ڪندڙ عالمن ڪي جزاءِ خير عطا فرماءِ، ۽ صحافين، اخبار پڙهندڙن ۽ سيني جي دنيا ۽ آخرت مسلمانن جي لاءِ فائديمند بڻائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# اخبار جي باري ۾ سوال جواب

شيطان ڪيتري ٻه سستي ڏياري هي بيان مڪمل پڙهي وٺو اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ گناهن کان بچڻ جو ذهن ٺهندو.

## دُرُود شريف جي فضيلت

مديني جي سلطان، رحمتِ عالميان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عظمت نشان آهي: جنهن کي ڪا مشڪل پيش اچي اُن کي مون تي ڪثرت سان درود پڙهڻ گهرجي ڇو ته مون تي درود پڙهڻ مُصيبتن ۽ بلائن کي ٽارڻ وارو آهي.

(القولُ البديع ص 414، بستانُ الواعِظين للجوزي ص 274)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## صَحافت ڇا کي چئبو آهي

**سوال:** ”صحافت“ جي ڇا تعريف آهي؟

**جواب:** صحافت جو لفظ ”صحيفہ“ مان نڪتو آهي جنهن جي لغوي معنٰي آهي: ”ڪتاب يا رسالو“. بهرحال عملي طور ڏکهي عرصي کان ”صحيفي“ مان مراد اهڙو شايع ٿيل مواد آهي جيڪو مقرر وقفن کان پوءِ شايع ٿئي ٿو، تنهنڪري انهي مفهوم ۾ ”**اخبار**“ ۽ ”**ماهنامن**“ کي به شامل ڪري سگهجي ٿو. ”صحافت“ ڪنهن به معاملي جي باري ۾ تحقيق ۽ پوءِ انهي کي صوتي، بصري (يعني ٻڌڻ، ڏسڻ) يا تحريري شڪل ۾ وڏي پيماني تي قارئين (يعني پڙهڻ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.** (طبراني)

وارن) ناظرين (يعني ڏسڻ وارن) يا سامعين (يعني ٻڌڻ وارن) تائين پهچائڻ جي عمل جو نالو آهي.

وَاللهُ اَعْلَمُ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## موجوده صحافت جا ٻہ قسم

**سوال:** صحافت جا ڪيترا قسم آهن؟

**جواب:** اڄڪلهہ جي صحافت ٻن قسمن ۾ ورهايل آهي: (1) پرنٽ ميڊيا يعني ڇپائي و اشاعتي ذرائع اِبلاغ (يعني سُڌ سَماءُ جا ذريعا) اخبارون، رسالا وغيره. (2) اليڪٽرانڪ ميڊيا. يعني برقي سُڌ سَماءُ جا ذريعا، ريڊيو.ٽي وي. انٽرنيٽ وغيره.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دنيا جي سڀ کان پهرين اخبار

**سوال:** ڇا اوهان ٻُڌائي سگهو ٿا تہ دنيا ۾ سڀ کان پهرئين اخبار ڪِٿان ۽ ڪهڙي نڪتي؟

**جواب:** اخبار جي تاريخ تمام پراڻي آهي، هڪ اندازي مطابق 104ع ۾ چين جي اندر ڪاغذ ايجاد ٿيو، ۽ اتي ئي سڀ کان پهريون ڇاپخانو (Printing Press) ٺهيو ۽ هڪ تحقيق مطابق سڀ کان پهرئين شايع ٿيندڙ اخبار بہ چين ۾ ئي "گزٽ ٽي پائو" (يعني محل جون خبرون) جاري ٿي. ننڍي کنڊ پاڪ ۽ هِند جي پهرئين اردو اخبار جو نالو "جامِ جهان نُما" آهي جنهن جي ڇپائي جو سال مارچ 1822ع آهي.

وَاللهُ اَعْلَمُ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

# خودڪُشي جون خبرون

**سوال:** ٻُڌو آهي توهان ”خودڪُشي“ جي واقعي واري خبر اخبار ۾ شايع ڪرڻ سان اختلاف رکو ٿا؟

**جواب:** خودڪُشي ڪرڻ واري مسلمان جي خبر نالي ۽ سُڃاڻپ سان ڇاپڻ جيئن ته شريعت جي خلاف آهي تنهنڪري اِنهي انداز تي اچڻ واري خبر سان اختلاف آهي. ان سلسلي ۾ تبليغِ قرآن ۽ سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ ”دعوتِ اسلامي“ جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 505 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**غيبت جون تباهه ڪاريون**“ صفحي 192 تي آهي: فوت ٿي ويل ماڻهن جي برائي ڪرڻ به غيبت آهي، ڪڏهن ڪڏهن تمام صبر آزما معاملو هوندو آهي. مثال طور ڏاڙيل، دهشت گرد، پنهنجي عزيز جا قاتل وغيره قتل ڪيا وڃن يا انهن کي ڦاهي ڏني وڃي ته ڪيترائي ماڻهو (قتل ٿيندڙن جي بي سبب مذّمت ”برائي“ ڪري) غيبت جي گناهه ۾ پئجي ويندا آهن. اهڙي طرح خودڪُشي ڪرڻ واري مسلمان جي باري ۾ بنا شرعي اجازت جي اهو چئي ڇڏڻ ته ”فلاڻي خودڪشي ڪئي“ اها غيبت آهي. تنهنڪري نالي ۽ سڃاڻپ سان گڏ ڪنهن مسلمان جي خودڪشي جي اخبار ۾ خبر به نه لڳائي وڃي جو انهي سان مرڻ واري جي غيبت به ٿيندي ۽ ان سان گڏوگڏ مرحوم جي اهل و عيال جي عزت تي به عيب لڳي ٿو. (۽ جيڪڏهن خبر لڳائي مثال طور ”فُلاڻي، فُلاڻي کي قتل ڪري“ يا ”جُوا ۾ وڏي رقم هاري خودڪشي ڪري ڇڏي.“ ته اهڙي خبر سان مرحوم جي خودڪشي ڪرڻ کان پهريان

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

جو عيب بہ ڪلي ٿو جيڪو خبر لڳائڻ وارن جي حق ۾ بہ غيبتن يعني گناه مٿان گناه جو سبب بڻجي ٿو. بلڪ اِن قسم جون خبرون ڇپجڻ سان مَعاذالله عَزَّوَجَلَّ گناهن ۽ عذابن جي ڪثرت جو اندازو لڳائڻ ئي مشڪل آهي ڇاڪاڻ تہ اخبار جي ذريعي اهڙيون خبرون هزارين، لکين ماڻهن تائين پهچن ٿيون. وَالعِياذُ بِاللهِ تعالیٰ) ها، اهڙي انداز ۾ تذڪرو ڪيو (يا اخبار ۾ خبر لڳائي) جو پڙهڻ يا ٻڌڻ وارا خودڪشي ڪرڻ واري کي سڃاڻي ئي نہ سگهن تہ هُو ڪير هو تہ حرج ناهي پر اِهو ذهن ۾ رهي تہ نالو نہ ورتو پر ڳوٺ، پاڙو، بِرادري، وقت، خودڪشي جو (سبب ۽) انداز وغيره بيان ڪرڻ سان خودڪشي ڪرڻ واري جي سڃاڻپ ممڪن آهي، تنهنڪري سڃاڻپ ٿي وڃي اهڙي انداز ۾ تذڪرو ڪرڻ بہ غيبت ۾ شمار ٿيندو. مسئلو هي آهي تہ مسلمان خودڪشي ڪرڻ سان اسلام مان خارج نٿو ٿئي ان جي جنازي جي نماز بہ ادا ڪئي ويندي، ان جي لاءِ (ايصالِ ثواب ۽) دعاءِ مغفرت بہ ڪنداسين. مرڻ واري مسلمان کي (ڀلي ان خودڪشي ڪئي هجي) برائي سان ياد ڪرڻ جي شريعت ۾ اجازت ناهي. انهيءَ باري ۾ بہ **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پيش آهن: ﴿1﴾ پنهنجن مُئِدن کي برو نہ چئو ڇاڪاڻ تہ اُهي پنهنجي اڳيان موڪليل عملن کي پهچي چڪا آهن. (بخاري ج 1 ص 470 حديث 1393) ﴿2﴾ پنهنجن مُئِدن جون خوبيون بيان ڪريو ۽ انهن جي برائين کي ڇڏي ڏيو.(ترمذي ج 2 ص 312 حديث 1021) حضرت علامہ محمد عبدالرّؤف مَناوِيعَليه رَحمَةُ اللهِ الهَادِي لکن ٿا: مُئل جي غيبت جيئري جي غيبت کان بدتر آهي، ڇاڪاڻ تہ جيئري شخص کان معاف ڪرائڻ

ممڪن آهي جڏهن تہ مُئل کان معاف ڪرائڻ ممڪن ناهي.
(فيض القدير للمناوي ج1 ص 562 تحت الحديث 852)

## پاسن کان گوشت ڪَٽي کارائڻ جو عذاب

پيارا صحافي اسلامي ڀائرو! اللّٰه عَزَّوَجَلَّ غيبت جي نحوست کان اسان سڀني جي حفاظت فرمائي. اٰمين. جڏهن ڪنهن هڪ شخص جي سامهون غيبت ڪرڻ بہ آخرت جي لاءِ تباهہ ڪار آهي تہ اُنهن اخبار جي ذميدارن جو ڇا انجام ٿيندو، جيڪي گهر گهر غيبتون پهچائن ٿا لڪين ماڻهن کي غيبتن جون خبرون پڙهائن ٿا! خدارا! ڪڏهن اڪيلائي ۾ پنهنجي ڪمزوري تي غور ڪريو جو اسان جي حالت تہ اها آهي جو معمولي خارش بہ برداشت نٿي ٿئي، ٿُنهن جي معمولي رهڻ بہ سَهي نٿي وڃي تہ جيڪڏهن غيبت ڪري بنا توبهہ جي مَري وياسين ۽ عذابِ الٰهي ۾ ڦاسي وياسين تہ ڇا ٿيندو! غيبت جي مختلف خطرناڪ عذابن مان هڪ عذاب ملاحظہ فرمايو، فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جنهن رات مون کي آسمانن جو سير ڪرايو ويو تہ منهنجو گُذر هڪ اهڙي قوم وٽان ٿيو جن جي پاسراٽين کان گوشت ڪَٽي خود اُنهن کي ئي کارايو پئي ويو. اُنهن کي چيو پئي ويو:کائو! توهان پنهنجي ڀائرن جو گوشت کائيندا هئا. مون پڇيو: اي جبرائيل هي ڪير ماڻهو آهن؟ عرض ڪيائين: هي ماڻهن جي غيبت ڪندا هئا. (دلائلُ النُّبُوة للبيهقي ج 2 ص 393 تنبيه الغافلين ص 86)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ وَرَسُوْلُهٗ اَعلَم عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

کر لے توبہ رب کی رحمت ہے بڑی
قبر میں ورنہ سزا ہوگی کڑی (وسائلِ بخشش ص٦٦٧)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو.** (ابن عدي)

# خُودڪُشي ۾ ناڪام رهڻ وارن جون خبرون

**سوال:** خودڪشي جي ناڪام ڪوشش ڪرڻ وارن جي خبرن بابت اوهان ڇا ٿا چئو؟

**جواب:** بنا شرعي مصلحت جي نالي ۽ سچاٽپ سان ڪنهن مسلمان جي اهڙي خبر شايع ڪرڻ گناهه آهي جو يقينًا انهي ۾ نه صرف هڪ مسمان جي بلڪ اُن جي سڄي خاندان جي رسوائي ۽ بدنامي جو سامان آهي. پيشگي معذرت سان عرض آهي: **الله** نه ڪري اوهان مان ڪنهن صحافي يا اخبار جي مالڪ يا اخبار جي ايڊيٽر يا ڪنهن ٽي.وي چينل جي ڊائريڪٽر جي گهر ۾ خودڪشي جي ڪا (ڪامياب يا) ناڪام "واردات" ٿي وڃي ته هُو ڇا ڪندو؟ يقينًا اوهان فرمائيندو ته هو اهو واقعو لِڪائڻ ۽ ان خبر جي اشاعت روڪائڻ لاءِ پنهنجو پورو زور لڳائيندو! دنيا ۾ عزت ۽ آخرت ۾ جنّت جا طلبگار پيارا صحافيو! انهي نظريي ۾ توهان کي ٻين مسلمانن جي عزّت جو به سوچڻ گهرجي. "بخاري شريف" ۾ آهي: حضرتِ سيدنا جرير رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ چون ٿا: "مون رسول **الله** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان نماز پڙهڻ، زڪوٰة ڏيڻ ۽ هر مسلمان جي خير خواهي ڪرڻ جي بيعت ڪئي." (بخاري ج 1 ص 35 حديث 57) **اعليٰ حضرت** رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: "هر مسلمان جي خير خواهي (يعني ڀلائي چاهڻ) هر مسلمان تي فرض آهي." (فتاوٰي رضويه ج 14 ص 415) **مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحَنّان فرمائن ٿا: جنهن مسلمان جي غيبت ڪئي پئي وڃي، ان جي عزّت بچائڻ واري کي فرشتو پلصراط تي پَرَن ۾ لِڪائي گُذاري ڇڏيندو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

ته جئين دوزخ جي باهه جي تپش ان تائين نه پهچي سگهي.

وَاللّٰہُ اَعْلَمُ وَرَسُوْلُہٗ اَعْلَم عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم (مراٰة ج 6 ص 572 ملخصًا)

غمِ حیات ابھی راحتوں میں ڈھل جائیں
تری عطا کا اشارہ جو ہوگیا یاربّ (وسائلِ بخشش ص۹۶)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مارجي ويندڙ ڌاڙيلن جي مذمّت

**سوال:** ڪتاب "غيبت جون تباهه ڪاريون" ۾ ذڪر اقتباس ۾ ته اوهان ڌاڙيلن، دهشت گردن وغيره جن ماڻهن جو سڪون برباد ڪري ڇڏيو آهي انهن جي قتل ٿيڻ يا ڦاهي چڙهڻ ڪان پوءِ انهن جي به برائي ڪرڻ ڪان منع ڪيو آهي!

**جواب:** مون هر صورت کي منع نه ڪيو آهي ۽ نه ئي پنهنجي طرفان منع ڪيو، صرف شريعت جو حڪم بيان ڪيو آهي، جيڪي مسلمان واقعي چور يا ڌاڙيل هئا ۽ پنهنجي انجام کي پهچي ويا هاڻي تي سگهي ته انهن جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪئي وڃي، انهن کي بغير ڪنهن صحيح مقصد جي هرگز برو ڀلو نه چيو وڃي جو احاديث مبارڪ ۾ پنهنجي مُئلن کي برائي سان ياد ڪرڻ جي ممانعت آهي، بلڪ اُهي جيئرا هجن ان وقت به بنا ڪنهن مصلحتِ شرعي انهن کي برو ڀلو چوڻ جي اجازت نه آهي مذمت جي ڪيترين صورتن مان ڪجهه ناجائز صورتون اسان جي زماني ۾ هي به آهن جو صرف ٽائيم پاس ڪرڻ، ٻتاڪ هڻڻ، برائي بيان ڪرڻ يا صرف هڪ خبر ٻاڌڻ جي لاءِ ذڪر ڪيل ماڻهن کي برو چيو ويندو آهي، ها اخبار وارا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

جيڪڏهن انهي نيّت سان اهڙن جي مذمت پريل خبر ڇاپين ته جئين انهن جي انجام سان مسلمانن کي عبرت حاصل ٿئي ته جائز بلڪ ثواب جو ڪم آهي. وَاللهُ اَعۡلَمُ وَرَسولُهٗ اَعلَم عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## هُو هِن وقت جنت جي نَهرن ۾ غوطا هڻي رهيو آهي

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 505 صفحن تي مشتمل ڪتاب "غيبت جون تباه ڪاريون" صفحي 191 تي سننِ ابي داؤد جي حوالي سان لکيل آهي: حضرتِ سيدنا ابوهريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: ماعز اسلمي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي جڏهن رجم ڪيو ويو هو (يعني زنا جي "حد" ۾ ايترا پٿر هنيا ويا جو وفات ڪري ويا هئا) ٻه شخص پاڻ ۾ ڳالهيون ڪرڻ لڳا، هڪ ٻئي کي چيو: هن کي ته ڏسو جو الله عَزَّوَجَلَّ هن جي پرده پوشي فرمائي هئي پر هن جي نفس نه ڇڏيو: رُجِمَ رَجمَ الکَلب يعني ڪُتي وانگر رجم ڪيو ويو. حُضور پُرنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌي ڪري خاموش رهيا. ڪجهه دير تائين هلندا رهيا، رستي ۾ مئل گڏهه مليو جيڪو ٽنگون پکيڙيو پيو هو. مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اُنهن ٻنهي شخصن کي فرمايو: وڃو هِن مُردار گڏهه جو گوشت کائو. انهن عرض ڪيو: يانبيَّ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هن کي ڪير کائيندو! ارشاد فرمايائون: اها جيڪا اوهان پنهنجي ڀاءُ جي آبروريزي (يعني عزت خراب) ڪئي، اُها هِن گڏهه کائڻ کان به وڌيڪ سخت آهي. قسم آهي اُن جو جنهن جي هٿ ۾ منهنجي جان آهي! اُهو (يعني ماعِز) هِن وقت جنّت جي نهرن ۾ غوطا لڳائي رهيو آهي. (ابو داؤد ج 4 ص 197 حديث 4428)

فرمان مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

وَاللهُ اَعْلَمُ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

تُو مرنے والے مسلماں کو مت بُرا کہنا
''تُو بے حساب، اسے بخش، یاخدا'' کہنا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## چور ڌاڙيل جي گرفتاري جون خبرون ڏيڻ

**سوال:** جيڪي چور يا ڌاڙيل پڪڙيا ويا اخبارن ۾ اُنهن جي خبر لڳائڻ جي باري ۾ اوهان ڇا ٿا چئو؟

جواب: پهريان تہ اهو ڏٺو وڃي تہ جيڪي پڪڙيا ويا اُهي واقعي چور يا ڌاڙيل آهن بہ يا نہ! بهارِ شريعت جلد 2 صفحي 415 تي مسئلو نمبر 2 آهي: ”چوري جي ثبوت“ جا ٻہ طريقا آهن: هڪ اهو تہ چور پاڻ اقرار ڪري ۽ ان ۾ ڪجهہ ڀيرا (ٻہ ٽي ڀيرا) جي ضرورت ناهي صرف هڪ ڀيري (جو اقرار) ڪافي آهي ٻيو هي تہ ٻہ مرد شاهدي ڏين ۽ جيڪڏهن هڪ مرد ۽ ٻن عورتن شاهدي ڏني تہ قطع (يعني هٿ ڪٽڻ جي سزا) ناهي پر مال جو جُرمانو ڏياريو ويندو ۽ شاهِدن هي شاهدي ڏني تہ (اسان چوري ڪندي نہ ڏٺو فقط) اسان جي سامهون (چوري جو) اقرار ڪيو آهي تہ اها شاهدي اعتبار جوڳي ناهي. گواهہ جو آزاد هجڻ شرط ناهي (يعني غلام جي شاهدي بہ هِتي مقبول آهي) (در مختار و رد المختارج 6 ص 138) ٻيو هي تہ پڪڙجي ويندڙن جي خبر لڳائڻ ۾ شرعي مصلحت ڏٺي وڃي. عام طور تي خبرون لڳائڻ ۾ ڪو صحيح مقصد پيش نظر ڪونہ هوندو آهي ٻيو شرعي ثبوت جي بہ پرواهہ نٿي ڪئي وڃي بس ائين ئي ”خبر براءِ خبر“

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا. (كنزالعمال)

چاپڻ جي ترڪيب ڪئي ويندي آهي تڏهن ته ڪيئي ڀيرا ائين ٿي ٿو جو جنهن کي ”ڏوهاري“ ڪري اخبارن ۾ خوب مشهور ڪيو ويو بعد ۾ اهو ئي باعزت بري (يعني آزاد) ٿي ويو! ته جنهن جو چور، ڌاڙيل، خائن (يعني خيانت ڪرڻ وارو) يا ٺڳ (Cheater) وغيره هجڻ شرعاً ثابت نه ٿئي ان کي ڏوهاري قرار ڏيڻ ئي گناهه آهي ته پوءِ ان کي اخبار ۾ مُجرم جي طور تي مشهور ڪري لکين ماڻهن ۾ ذليل ۽ خوار ڪري ڇڏڻ! يقيناً اهو هڪ تمام وڏو گناهه آهي ۽ هن ۾ اُن مسلمان بلڪ اُن جي پوري خاندان جي سخت بي عزتي ۽ شديد ايذاءُ ۽ دل آزاري جو سامان آهي.

## تو چوري ڪئي (حڪايت)

پيارا صحافي اسلامي ڀائرو! اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اوهان جي ۽ منهنجي عزت محفوظ رکي، پاڪ پروردگار عَزَّوَجَلَّ اسان کي چوري ڪرڻ ۽ ڪنهن مسلمان تي چوري جو الزام مَڙهڻ کان بچائي. اٰمين. بنا سوچي سمجهي بڌل بڌايل ۾ اچي ڪنهن مسلمان کي چور چوڻ يا لکڻ آسان ناهي. انهيءَ باري ۾ هڪ مسلم شريف جي روايت پيش آهي: جئين حضرت سيّدنا ابو هريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: (حضرت) عيسيٰ ابن مريم هڪ شخص کي چوري ڪندي ڏٺو ته ان کي فرمايو: ”سَرَقْتَ“ تو چوري ڪئي، هن جواب ڏنو: ”هرگز نه، ان جو قسم جنهن کان سواءِ ڪو معبود ناهي“ ته (حضرت) عيسيٰ (عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) فرمايو: اٰمَنْتُ بِاللّٰهِ وَ كَذَّبْتُ نَفْسِىْ يعني مون اللّٰه تي ايمان

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

آندو ۽ پنهنجي ڳالهہ کان رجوع ڪيو. (صحيح مسلم ص 1288 حديث 2368) مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحَنّان ان قسم کڻڻ واري کي ڇڏي ڏيڻ جي باري ۾ حضرت سيدنا عيسيٰ روح الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي مقدّس جذبن جي عڪاسي ڪندي لکن ٿا: يعني انهيءَ قسم جي ڪري تو کي سچو سمجهان ٿو تہ مؤمن ٻانهو الله عَزَّوَجَلَّ جو ڪوڙو قسم نٿو کڻي سگهي (ڇوتہ) ان جي دل ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي نالي جي تعظيم هوندي آهي، پنهنجي باري ۾ غلط فهمي جو خيال ڪيان ٿو تہ منهنجي اکين ڏسڻ ۾ غلطي ڪئي. (مِراٰۃ ج 6 ص 623) ۽ امام نَوَوي رَحمَةُاللهِ تَعَالٰي عَلَيه هن حديث جي تحت فرمائن ٿا: ”ڪلام جو ظاهر هي آهي تہ مون الله تعاليٰ جي قسم کائڻ واري جي تصديق ڪئي ۽ اُن جو چوري ڪرڻ جيڪو منهنجي سامهون ظاهر ٿيو، مون انهي کي ڪوڙو ثابت ڪيو (وضاحت هي آهي تہ) شايد اُن شخص اُها شي کنئي هُئي جنهن ۾ اُن جو حق هو يا هن قبائڻ (ناجائز قبضي) جو ارادو نہ ڪيو هو يا حضرت عيسيٰ عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن کي ظاهري طور تي ائين محسوس ٿيو تہ هن شخص هٿ وڌائي ڪري ڪا شي کنئي (يعني چوري ڪئي) آهي پر جڏهن هن قسم کنيو تہ پاڻ علي نَبِيِّنا وَعَليه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن پنهنجو گمان ساقط ڪري ڇڏيو ۽ انهي گمان کان رجوع ڪيو.“ (شرح مسلم للنووي ج8 ص 122) **الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

فرمانِ مصطفےٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

ہے مومن کی عزّت بڑی چیز یارو!
بُرائی سے اس کو نہ ہرگز پکارو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## گرفتار ٿيل چور جي خبر لڳائڻ ڪيئن؟

**سوال:** جيڪو شخص چور يا ڌاڙيل طور شناخت ڪيو ويو هجي اُن جي خبر اخبار ۾ لڳائي سگهجي ٿي يا نہ؟

**جواب:** شرعي ثبوت حاصل ٿيڻ جي صورت ۾ بہ اهو غور ڪريو تہ ان جي خبر اخبار ۾ "خبر براءِ خبر" ڇاپي رهيا آهيو يا ڪا سُني نيت بہ آهي! مثلاً چور جي طور تي مشهور ٿيڻ سان ان جي ٿيڻ واري ذلت سان ٻيا ماڻهو عبرت حاصل ڪن ٻيو تہ آئينده جي لاءِ انهي خراب ڪم کان محتاط بہ ٿي وڃن، ان نيّت سان چوري جي خبر ڇاپي سگهجي ٿي. چور جيتوڻيڪ تمام خراب ماڻهو آهي پر بنا ڪنهن شرعي مصلحت جي ان جي تذليل ۽ مشهوري ڪرڻ جائز ناهي، ڇاڪاڻ تہ چور هجڻ جي باوجود مسلمان جي حيثيت سان ان جي حُرمَت باقي آهي. ها جيتري شريعت جي طرفان تشهير ۽ تذليل جي اجازت آهي اوتري ڪري سگهجي ٿي، ان کان وڌيڪ نہ يعني اهو نہ تہ هاڻي مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ جنهن جي مرضي پوي جڏهن چاهي غيبت ڪندو رهي! هن زماني ۾ اخبار وارن وٽ شرعي ثبوت جي اطلاع جا مُعتَمَد (يعني ڀروسي جوڳا) ذريعا موجود آهن يا نہ، اهو صحافي وڌيڪ سمجهي سگهن ٿا. ٻيو جنهن انداز ۾ ۽ جنهن ترڪيب سان خبرون ونن ٿا ان ۾ اهو بہ غور ڪيو وڃي تہ قانوني طور ان جي

فرمان مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

اجازت بہ آهي يا نہ. هر مسلمان کي پنهنجي پنهنجي جڳهہ عزت ۽ حُرمت آهي، سيني کي گهرجي تہ احترامِ مسلم جو لحاظ رکن. سُنَنِ ابنِ ماجہ ۾ آهي: خاتمَ المُرسَلِين، رَحمةٌ لِّلْعٰلمِين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪعبي شريف سان مخاطب ٿي ارشاد فرمايو: مؤمن جي حُرمت (يعني عزت ۽ آبرو) تو کان وڌيڪ آهي. (ابن ماجہ ج 4 ص 319 حديث 3932)

## چور کان وڌو ڏوهاري

جنهن جي چوري ٿئي ان کي بہ گهرجي تہ خوامخواهہ هر ڪنهن تي شڪ ڪندو ۽ تهمت هڻندو نہ وتي جيئن اڄڪلهہ اڪثر ائين ٿي رهيو آهي مثلاً گهر ۾ ڪا شيء چوري ٿي وڃي تہ ڪڏهن بي گناهہ ننهن مُتَّهم هوندي يعني تهمت جي زد ۾ ايندي آهي تہ ڪڏهن پاڃائي جي شامت ايندي آهي يا گهر جي نوڪر تي ڪاوڙ ڪڍي ويندي آهي جڏهن تہ ڪنهن جي باري ۾ شرعي ثبوت تہ پري گهٽ ۾ گهٽ ڪو واضح قرينو بہ نہ هوندو آهي! تنهنڪري سيني کي هن روايت مان عبرت حاصل ڪرڻ گهرجي جيئن تہ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي: اهو شخص جنهن جو مال چوري ٿيو، هميشہ تهمت (لڳائڻ) ۾ رهندو ايستائين جو اهو چور کان (بہ) وڌو مجرم بڻجي ويندو. (فتاويٰ رضويه ج 24 ص 109، شعب الايمان ج 5 ص 297 حديث 6707)

وَاللّٰہُ اَعْلَمُ وَرَسُوْلُہٗ اَعْلَم عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

سنوں نہ فُحش کلامی نہ غیبت وچغلی
تری پسند کی باتیں فقط سنا یاربّ (وسائلِ بخشش ص۹۳)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نه پڙهي. (حاڪم)

# مُلزم جو نالو ڇاپڻ ڪيئن؟

**سوال:** جيڪي ملزم پڪڙيا ويندا آهن انهن جا نالا سڃاڻپ سميت اخبار ۾ ڇاپي سگهجن ٿا يا نه؟

**جواب:** هتي غيبت جي جائز هجڻ بابت عمومي شرطن سان گڏ ٻه ڳالهيون ٻيون آهن، پهرئين هي ته فقط الزام نه هجي بلڪ شرعي ثبوت هجي يعني ان جو ڏوهي هجڻ قانوني طور تي ثابت ٿي چڪو هجي، ٻئي هي ته ڏوهه اهڙو هجي جو انهي جي مشهوري سان عوام کي فائدو ٿئي، يعني جيئن ڪڏهن ڪڏهن فقط ذاتي معاملا هوندا آهن ۽ انهن تي گرفتاري ٿي ويندي آهي، انهن معاملن جو عوام سان ڪو تعلق نه هوندو آهي ته انهن جي مشهوري جي هرگز اجازت ڪونهي. ذڪر ڪيل متئين تفصيل سان واضح ٿي ويو ته ڪجهه صورتن ۾ اخبار ۾ نالو شناخت سميت ڏيڻ جي اجازت آهي ۽ ڪجهه ۾ نه، ڇاڪاڻ ته ان سان انهن کي ۽ انهن جي خاندان وارن کي سخت اذيت ٿيندي. ڪنهن جي گرفتاري جيڪڏهن ظلماً فقط خانه پُري يا ڪنهن انتقامي ڪاروائي جي سلسلي ۾ ڪئي ويئي هجي ته گرفتاري به سخت گناهه، حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. ۽ گرفتاري جو حڪم جاري ڪندڙ، گرفتار ڪندڙ وغيره جيڪي به ان مظلوم جي گرفتاري ۾ ڄاڻي واڻي شريڪ ٿيا سڀ گنهگار ۽ جهنّم جي عذاب جا حقدار آهن. ۽ پڻ ضابطهء تعزيراتِ پاڪستان جي دفع 499 کان 502 تحت "اهي ماڻهو پاڻ گرفتاري جي قابل مجرم قرار ٿين ٿا.

فرمانِ مصطفىٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

# مسلمان جي بي عزتي ڪبيرو گناه آهي

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مكتبة المدينه جي شايع ٿيل 504 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”غيبت جون تباه ڪاريون“ صفحي 58 کان 59 جو هڪ ڏڪائيندڙ اقتباس پيش آهي جيڪو خوفِ خدا رکڻ وارن جي لاءِ نهايت ئي عبرت انگيز آهي، نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عاليشان آهي: بيشڪ ڪنهن مسلمان جي ناحق بيعزتي ڪرڻ ڪبيره گناهن مان آهي. (ابو داؤد ج 4 ص 353 حديث 4877)

# خداءِ مصطفٰي کي ايذاءُ ڏيڻ وارو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حقيقت هي آهي ته هڪ مسلمان پنهنجي ٻئي مسلمان ڀاءُ جي عزّت جو مُحافظ آهي پر افسوس! اهڙو نازڪ دور اچي ويو آهي جو هاڻي اڪثر مسلمان ئي ٻئي مسلمان ڀاءُ جي عزّت جي پٺيان پيل آهي، دل ڀري غيبتون ڪري رهيو آهي ۽ چغليون هڻي رهيو آهي، بنا هٻڪ تُهمتون لڳائي رهيو آهي، بنا سبب دل ڏکائي رهيو آهي، دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مكتبة المدينہ جي شايع ٿيل رسالي ”ظلم کا انجام“ صفحو 19 کان 20 تي آهي: حقوقُ العِباد جو معاملو تمام نازڪ آهي پر آهـ! اڄڪلهه بيباڪي جو دور آهي، عوام ته نهيو خوّاص چورائڻ وارا بہ عمومًا انهيءَ کان غافل رهندا آهن. ڪاوڙ جو مرض عام آهي جنهن جي ڪري اڪثر خوّاص بہ (بنا اجازتِ شرعي) ماٺهن (کي هڪدم چڙٻيندا ۽ انهن جي) دل آزاري ڪري ويهندا آهن ۽ ان پاسي انهن جو بلڪل ڌيان ناهي هوندو ته ڪنهن مسلمان جي بنا اجازتِ شرعي دل آزاري

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

گناهه حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. منهنجا آقا عليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فتاوٰي رضويه شريف جلد 24 صفحو 342 تي طبراني شريف جي حوالي سان نقل ڪن ٿا: ٻنهي جهانن جي سلطان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: مَنْ اٰذٰى مُسْلِمًا فَقَدْ اٰذَانِيْ وَمَنْ اٰذَانِيْ فَقَدْ اٰذَى الله (يعني جنهن بنا ڪنهن شرعي سبب) ڪنهن مسلمان کي تڪليف ڏني ان مون کي تڪليف ڏني ۽ جنهن مون کي تڪليف ڏني ان الله عَزَّوَجَلَّ کي تڪليف ڏني. (اَلمُعجمُ الاوسط ج 2 ص 387 حديث 3607) الله ۽ رسول عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي تڪليف ڏيڻ وارن جي باري ۾ الله عَزَّوَجَلَّ سيپارو 22 سُوْرَةُ الْاَحْزَاب آيت 57 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

اِنَّ الَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ لَعَنَهُمُ اللّٰهُ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ وَاَعَدَّ لَهُمْ عَذَابًا مُّهِيْنًا ﴿۵۷﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** بيشڪ جيڪي تڪليف ڏين ٿا الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول کي انهن تي الله عَزَّوَجَلَّ جي لعنت آهي دُنيا ۽ آخرت ۾ ۽ الله عَزَّوَجَلَّ انهن جي واسطي ذلت جو عذاب تيار ڪري رکيو آهي.

وَاللهُ اَعْلَمُ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

گناه بے عدد اور جُرم بھی ہیں لاتعداد
کرعَفو سہ نہ سکوں گا کوئی سزا یاربّ (وسائلِ بخشش ص۹۳)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# دهشت گردي جي واردات جي خبر ڇاپڻ جا نقصان

**سوال:** دهشت گردي جي واقعن جون خبرون ڇاپڻ جي باري ۾ اوهان جي ڇا راءِ آهي؟

**جواب:** جيڪڏهن منهنجي ذاتي راءِ معلوم ڪرڻ مقصد آهي ته عرض

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

آهي ته دهشت گردي جي وارداتن جون خبرون ڇاپڻ ۾ ڪا ڀلائي ناهي، الٽو ان جا ڪيترائي نقصان آهن مثلاً انهيءَ سان خواه مخواه خوف ۽ هِراس ڦهلجي ٿو، ٻيو ته جذباتي ۽ مجرماڻي ذهنيت جا ڪيترائي نادان انسان مار ڌاڙ تي لهي ايندا آهن، خوب هٿيار هلائيندا، گوليون وسائيندا، گهرن ۽ دوڪانن، بسن ۽ ڪارن وغيره جي ڀيچ ڊاهه ڪندا، گاڏيون ساڙيندا، ڦُرلُٽ مچائيندا ۽ پنهنجي وطنِ عزيز جي ملڪيتون ساڙي حقيقت ۾ پنهنجي ئي پيرن تي ڪهاڙا هڻن ٿا ۽ ائين دهشت گردن جون ميريون مرادون پوريون ٿين ٿيون جو اڪثر دهشت گردي جي ذريعي انهن جو مقصد ئي بدامني ڦهلائڻ هوندو آهي ۽ ستم ظريفي اها آهي ته ڪجهه ذرائع اِبلاغ خوب مرچ مسالا لڳائي تخريب ڪاري جون خبرون چمڪائي انهي معاملي ۾ دهشت گردن جا هرويرو مددگار ثابت ٿين ٿا، بلڪ هڪبئي کان وڌي چڙهي مددگار بڻجن ٿا ۽ قرائن مان ائين لڳندو آهي ته ٻه چار عام ماڻهن جي هلاڪتن تي مشتمل خبر انهن جي ويجهو خاص قابلِ توجهه ئي نٿي هجي! ڪو اهم ليڊر ماريو وڃي، ڊِڳ لاشون ڪِرن، غير معمولي نقصان ٿئي، خوب هنگاما ٿين، جڳهه ٻه جڳهه گاڏيون ساڙيون پيون وڃن، شهر بند پيو هجي تڏهن ئي خوب سنسني خيز سرخيون (Heading) لڳنديون ۽ نيڪ ناڪ اخبارون وڪامنديون آهن.

وَاللهُ اَعْلَمُ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

یاد رکھو! وُہی بے عَقْل ہے اَحمق ہے جو

کثرتِ مال کی چاہت میں مَرا جاتا ہے (وسائلِ بخشش ص۱۲۶)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

# دهشت گردي جي خبر اخبار جي جان هوندي آهي

**سوال:** دهشت گردي جي خبر تہ اخبار جي جان هوندي آهي، اڄڪلهہ اخبار وِڪامجندي ئي ان قسم جي خبرن سان آهي. ڇا دهشت گردي جي خبر ڏيڻ جائز ئي ناهي؟

**جواب:** مون جواز ۽ عدم جواز (يعني جائز ۽ ناجائز هجڻ) جي ڳالهہ ئي ناهي ڪئي، پنهنجي ذاتي راءِ مطابق اهڙي طرح جي خبرن جي انهن منفي اثرن (Side Effects) ڏانهن توجهہ ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جن جو عام مشاهدو آهي، ۽ هر شعور رکندڙ مسلمان اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ مون سان اتفاق ڪندو. منهنجي ناقص خيال ۾ جيڪڏهن دهشت گردين ۽ اشتعال انگيز خبرن جي پوري دنيا ۾ اشاعت بند ٿي وڃي تہ دهشت گرديون بہ ڪافي حد تائين ختم ٿي وينديون! تخريبڪاري جي روڪٿام جا ادارا بيشڪ فعال رهن ۽ دشمنن تي ڪڙي نظر رکن. عوام کي جيتوڻيڪ سنسني خيز خبرن سان اڪثر دلچسپي هوندي آهي پر ان ۾ سندن کو فائدو ڪونهي، بس هڪ ”فضول موضوع“ هٿ اچي وڃي ٿو، بيڪار ڳالهين، اندازن، انتظاميہ تي تنقيدن ۽ تهمتن وغيره جو سلسلو هلي نڪري ٿو! دنيا جي جن ملڪن ۾ ان قسم جي داخلي وارداتن جي مشهوري تي پابندي آهي اُتي نہ هڙتالون ٿين ٿيون نہ هنگاما، اُهي پُر اَمَن بہ آهن ۽ دنياوي اعتبار سان ترقي جي راهن تي گامزن بہ آهن. جيڪڏهن اهڙين خبرن جي اشاعت نہ ڪرڻ ۾ امت جو کو تمام وڏو نقصان نظر ايندو هجي ۽ ثواب جو تمام وڏو ذخيرو هٿ مان نڪرندي محسوس ٿيندو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعليٰ)

هجي ته صحافي حضرات مون کي سمجهائن، آئون پنهنجي نقطهءِ نظر تي اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ نظر ثاني ڪندس. ٻيو صحافي حضرات به ”ضمانت ضبط“ يا ”اخبار جي اشاعت تي پابندي“ جو سبب بڻجڻ واري مطبوعات ۽ صحافت جي قانون جي ضابطهءِ تعزيراتِ پاڪستان جي دفعه 24 جي تحت اچڻ وارن 15 ڏوهن مان شق نمبر 3 ۽ 6 تي غور فرمائي وٺن. (شق نمبر 3) تشدد (ظلم) يا جنس سان تعلق رکڻ وارن ڏوهن جي اهڙي رپورٽ جنهن سان غير صحتمنداڻي تَجَسُّس يا نقل جو خيال پيدا ٿيڻ جو امڪان هجي (شق نمبر 6) امن عامه ۾ خلل وجهڻ جي ڪوشش. وَاللہُ اَعْلَمُ وَرَسُوْلُہٗ اَعْلَم عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

سرفراز اور سُرخرو مولیٰ
مجھ کو تُو روزِ آخرت فرما (وسائلِ بخشش ص ۱۱۳)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## صحافت جي آزادي

**سوال:** اوهان جي ڳالهين مان ائين لڳي ٿو ته اوهان صحافت جي آزادي سان متفق نه آهيو!

**جواب:** آئون هر انهي ”آزادي“ کان متفق نه آهيان جيڪا ”آخرت جي بربادي“ جو سبب هجي، آئون هن وقت مسلمانن سان مخاطب آهيان ۽ جيڪي صحافي مسلمان آهن انهن تي خود ئي شريعت جي طرفان پابنديون عائد آهن، اهي مَن ماني (جيڪي دل چاهي) ڪرڻ جي لاءِ ”آزاد“ ئي ڪڏهن آهن! ها قوم ۽ ملت جي تعمير جي لاءِ شريعت جي دائري ۾ رهي ڪري بيشڪ اهي خوب پنهجو قلم استعمال ڪن. في نفسه

صحافت ڪا خراب شيءِ بہ ڪونهي، صحافت جو سڀ کان وڏو اصول سچائي آهي، صداقت تي ئي صحافت جي عمارت تعمير ٿي سگهي ٿي. اسان جي تاريخ ۾ اهڙن بيشمار صحافين جا نالا موجود آهن جن کي اسان اڄ بہ سلام ڪريون ٿا ۽ انهن جي ڪارنامن جي قدر ڪريون ٿا. اهي بيباڪ (بيخوف بهادر) هئا، حق چوڻ وارا هئا، ديانت دار هئا، انهن جو لکيل هڪ هڪ لفظ ڄڻ انمول هيرو هوندو هو جنهن کي هو قوم جي اڳيان پيش ڪندا هئا.

## "سُنا ٻار گهر جي ڳالهہ ٻاهر نہ ڪندا آهن!"

مٺا مٺا صحافي اسلامي ڀائرو! الله تعاليٰ اسان سيني کي عقلِ سليم جي نعمت عطا فرمائِ. اٰمين. باشعور ماڻهو پنهنجي ٻارن کي شروع کان ئي اها تعليم ڏيندا آهن تہ ڏس پٽ! "سنا ٻار گهر جي ڳالهہ ٻاهر نہ ڪندا آهن." پر ڪجهہ اخبارن جو ڪردار ان معاملي ۾ نادان ٻارن کان بہ وَيَل هوندو آهي، بس جيڪا خبر هٿ لڳي، ڇاپي ڇڏي، هاڻي چاهي انهي سان نسلي فسادن کي هوا لڳي چاهي لِساني فسادن کي، چاهي انهي سان ڪو زخمي ٿئي يا ڪنهن جي لاش ڪِري، چاهي ان سان ڪنهن جو گهر تباهہ ٿئي يا چاهي پنهنجو وطنِ عزيز ئي داءُ تي لڳي وڃي. ڪهڙي ئي رازداري جي خبر ڇو نہ هجي، آزاديءِ صحافت جي نالي تي ڇاپڻي ضرور آهي، ڄڻ هر طرح جي هر خبر جي اشاعت ئي آزاديءِ صحافت آهي! هر سمجهدار ماڻهو هي ڳالهہ سمجهي ٿو تہ هر ڳالهہ هر ڪنهن کي ناهي ٻڌائي ويندي. پوءِ جڏهن ماڻهو زباني ڳالهہ ڪندو بہ آهي تہ اها ڏهہ ويهہ يا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

پنجاهه سؤ تائين پهچندي هوندي پر اخبار پڙهندڙن جو تعداد لکن ۾ هوندو آهي ۽ دوست دشمن سڀئي پڙهندا آهن. ڪاش! ڳالهائڻ کان پهرين تورڻ ۽ ڇاپڻ کان پهرين ماپڻ جو ذهن ٺهجي وڃي. ڪاش! اي ڪاش! هي حديثِ پاڪ هر صحافي حرزِجان بڻائي جنهن ۾ منهنجي پياري پياري آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ هدايت نشان آهي: ”جڏهن تون ڪنهن قوم جي سامهون اها ڳالهه ڪندين جنهن تائين انهن جا عقل نه پهچن ته ضرور اها انهن مان ڪنهن تي فتنو هوندي.“ (ابنِ عساڪر ج 38 ص 356) ڇا آزاديءِ صحافت انهي جو نالو آهي جو مسلمانن جون بنا سوچي سمجهي عزتون خراب ڪيون وڃن! رشوتون وٺي ڪري سامهون واري فريق جو حسب نسب ڇاڻي ڪيو وڃي! مسلمانن تي تهمتون لڳايون وڃن! (شرعي) مسئلو هي آهي جو غير مسلمن تي به الزام تراشي جائز ڪونهي، پر افسوس! جو هاڻي مسلمان هڪٻئي جي خلاف تهمتن سان ڀريل بيان ڏين ٿا ۽ آزاديءِ صحافت جي نالي تي ڪجهه اخبارون انهن کي اکيون بند ڪري ڇاپين ٿيون، خاص ڪري اليڪشن جي دور ۾ بطور رشوت ملڻ وارن ڪجهه سِڪن جي ڪري ڪنهن هڪ ڌُر سان ”ترڪيب“ بڻائي ويندي آهي ۽ ٻئي ڌر تي دل ڀري الزام ۽ تهمتون لڳايون وينديون آهن ۽ انهي جا خوب خوب پول پڌرا ڪيا ويندا آهن ۽ ائين گناهن جو هڪ ڏکو سلسلو هلي نڪرندو آهي، چونڊون ختم ٿي وينديون آهن پر دشمنيون باقي رهجي وينديون آهن.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو تہ جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا .** (طبراني)

# اهڙي خبر نہ ڇاپيو جيڪا فتنا جاڳائي

**پيارا پيارا صحافي اسلامي ڀائرو! الله** عَزَّوَجَلَّ دنيا جي دولت جي حِرص کان اسان جي حفاظت فرمائي، اسان کي مسلمانن ۾ فتنا ڦهلائڻ وارو بڻجڻ کان بچائي، امن و امان جو داعي بڻائي. آمين. صد ڪروڙ افسوس جو ڪڏهن ڪڏهن ڄاڻي واڻي اهڙيون خبرون بہ ڇاپيون وينديون آهن جيڪي مسلمانن ۾ فِتنو، فساد ۽ بري ڳالهہ ڦهلجڻ جو باعث بڻجنديون آهن، ائين ڪرڻ واري کي **الله** عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄڻ ۽ پنهنجي موت کي ياد ڪرڻ گهرجي. چٽپٽي خبرن سان جيڪڏهن اخبار جون ڪجهہ ڪاپيون وڪامجي بہ ويون ۽ دنيا جي ذليل دولت ۾ ڪجهہ اضافو ٿي بہ ويو تڏهن بہ انهي مان ڪيستائين فائدو ڪٽندا؟ انهي کي ڪيستائين کائيندا؟ آخر هن دارِ ناپائيدار ۾ ڪيستائين عيش ۽ عشرت ڪندا؟ ياد رکو! آخرڪار اوهان جناب کي اونداهي قبر ۾ لهڻو ئي آهي، كَمَا تَدِيْنُ تُدَان "يعني جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي" سان واسطو پوڻو ئي آهي. بري ڳالهہ ڦهلجڻ جي عذاب کان ڊڄڻ ۽ دل ۾ خوفِ آخرت پيدا ڪرڻ جي لاءِ هڪ آيتِ سڳوري ۽ هڪ حديث مبارڪ ملاحظہ هجي: سيپارو 18 سُوْرَةُ النُّوْر آيت نمبر 19 ۾ **الله** عَزَّوَجَلَّ جو فرمانِ عبرت نشان آهي:

اِنَّ الَّذِيْنَ يُحِبُّوْنَ اَنْ تَشِيْعَ الْفَاحِشَةُ فِي الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ۙ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ؕ

**ترجموڪنزالايمان:** جيڪي ماڻهو گهرن ٿا تہ مسلمانن ۾ بُري ڳالهہ جو چرچو پکيڙجي انهن جي واسطي دردناڪ عذاب آهي دُنيا ۽ آخرت ۾.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.** (ڪنزالعمال)

حديث پاڪ ۾ آهي: ”فتنو سُتل هوندو آهي انهي تي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي لعنت جيڪو ان کي جاڳائي.“ (الجامعُ الصّغير لِلسُيُوطي ص 370 حديث 5975)

# سنسني خيز خبرون ڦهلائڻ

انهي ڳالهه تي جيتري قدر افسوس ڪيو وڃي گهٽ آهي جو اڄڪلهه ڪجهه صحافين جو ڪم ئي صرف افواهون اُڏائڻ ۽ سنسني خيز خبرون ڦهلائڻ رهجي ويو آهي. انهن جي تمام تر ڪوشش اها هوندي آهي ته ڪهڙي طرح گهرن ۾ گهِڙي ڪري ماڻهن جا سنسني ڦهلائڻ وارا ذاتي احوال معلوم ڪريون، ۽ تي سگهي ته بطورِ ثبوت فوٽو به بڻائي وٺون ۽ انهيءَ جي تشهير ڪري انهن کي بي آبرو ڪريون، مسلمانن کي هڪٻئي کان متنفّر ڪريون ۽ ويڙهايون، هاڻي انهن جو سڀ کان وڏو ڪارنامو جاسوسي وڃي بچيو آهي، خبرون ته جاسوسي، مضمون ته جاسوسي ۽ ڪهاڻيون ته اهي به جاسوسي. **الله** عَزَّوَجَلَّ اسان مسلمانن کي هڪٻئي جي عزّت جو محافظ بڻائي ۽ ٻنهي جهانن ۾ سرخرو ڪري.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ وَرَسُوْلُهٗ اَعلَم عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَخلاق ہوں اچھے مِرا کِردار ہو سُتھرا
محبوب کا صدقہ تُو مجھے نیک بنادے (وسائلِ بخشش ص۱۰۶)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# صحافين جو ڪوڙي ڳالهيون ڪڍرائڻ

**سوال:** جيڪڏهن صحافي موقع بموقع گهرن ۾ وڃي ڪري ”تفتيش“

فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا دروودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا. (كنزالعمال)

نہ ڪندا تہ قوم تائين صحيح احوال ڪير پهچائيندو!

**جواب:** بنا ڪنهن حدود و قيود جي قوم ڪي هر سِطح جي ماڻهن جي عيبن کان با خبر ڪرڻ جي آخر ضرورت ئي ڪهڙي آهي؟ ڪنهن هڪ اڌ قومي ۽ عوامي مسئلي جي باري ۾ خاص طور تي ڪا هڪ اڌ تحقيق ٿيل ڳالهہ بيان ڪرڻ جي تہ اجازت ٿي سگهي ٿي پر اسان وٽ جيڪو ڪجهہ ٿئي ٿو اهو ڪجهہ ڍڪيل ڇپيل نہ آهي. ياد رکو تہ ڪنهن جي ذاتي معاملن جي ڳولها ۾ پوڻ ۽ ان جي تحقيق تفتيش ڪرڻ جي شريعت ممانعت فرمائي آهي. جيئن سيپاري 26 سُوْرَةُ الْحُجُرٰت آيت 12 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

وَلَا تَجَسَّسُوْا **ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ عيب تلاش نہ ڪريو

## مسلمانن جي عيب جوئي نہ ڪريو

آيت سڳوري جي هن حصي جي تحت صدر **الافاضل حضرتِ علامہ مولانا سيد محمد نعيم الدين مُراد آبادي** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِي **"خزائنُ العِرفان"** ۾ فرمائن ٿا: "يعني مسلمانن جي عيبن جي ڳولها نہ ڪريو ۽ انهن جي لِڪل حال جي جستجو ۾ نہ رهو جنهن کي **الله** تعاليٰ پنهجي سَتّاري سان لِڪايو . حديث شريف ۾ آهي: گمان کان بچو گمان وڏي ڪوڙي ڳالهہ آهي ۽ مسلمان جي عيب جوئي نہ ڪريو، انهن سان لالچ و حسد، بغض (ڪينو)، بي مروتي نہ ڪريو، اي **الله** جا ٻانهؤ! ڀائر ٻڻجي رهو جيئن توهان کي حڪم ڏنو ويو، مسلمان مسلمان جو ڀاءُ آهي، اُن تي ظلم نہ ڪري، اُن کي رُسوا نہ ڪري، اُن جي تحقير نہ ڪري، تقويٰ هِتي آهي، تقويٰ هِتي آهي، تقويٰ هِتي آهي،

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي.** (ترغيب و ترهيب)

(۽ "هِتي" جي لفظ سان پنهنجي سيني جي طرف اشارو فرمايائون) ماڻهو جي لاءِ اِها برائي گهڻي آهي جو پنهنجي مسلمان ڀاءُ کي حقير سمجهي، هر مسلمان، مسلمان تي حرام آهي، اُن جو خون بہ، اُن جي عزت بہ، اُن جو مال بہ. "الله تعاليٰ توهان جي جسمن ۽ صورتن ۽ عملن ڏانهن نظر نٿو فرمائي پر توهان جي دلين تي نظر فرمائي ٿو."[1] (بخاري ۽ مسلم) حديث شريف ۾ آهي: "جيڪو ٻانهو دنيا ۾ ٻئي جي پرده پوشي ڪري ٿو الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن اُن جي پرده پوشي فرمائيندو."[2] (خزائن العرفان ص 950 مڪتبة المدينه)

## ...... تہ تُون اُنهن کي ضايع ڪري ڇڏيندين

حضرت سَيِّدُنا امير معاويہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: مون نبيءِ مُڪَرَّم، نُورِ مُجَسَّم، رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هي ارشاد مُعَظم خود ٻڌو آهي: اِنَّکَ اِنِ تَّبَعْتَ عَوْرَاتِ النَّاسِ اَفْسَدْتَّهُمْ يعني "جيڪڏهن تو ماڻهن جا عيب تلاش ڪيا تہ تون اُنهن کي تباھ ڪري ڇڏيندين."
(ابو داوءد ج 4 ص 356 حديث 4888)

مفسرِ شهِّير، حڪيمُ الاُمّت حضرتِ مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان انهي حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: ظاهر اهو آهي تہ انهيءَ فرمانِ عالي ۾ خطاب خصوصي طور تي جناب مُعاويہ (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ) سان آهي ڇو تہ ايندڙ وقت ۾ اهي سلطان بنجڻ وارا هئا، تہ غيب دان محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پهرين ئي انهن کي سلطنت جي طريقي جي تعليم ڏني تہ تون بادشاھ بڻجي ڪري ماڻهن جا لِڪل

---

1 مسلم ، ص 1386 حديث 1386،1387 2 بخاري ج 2 ص 126 حديث 2442

فرمانِ مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو.** (ابن سني)

عيب نہ ڳوليندو رهجانءِ، درگُذر ۽ حتّي الامڪان عَفو و ڪرم کان ڪم ونجانءِ ۽ تي سگهي تہ تہ اشارو سيني کي هجي جو پيءُ پنهنجي جوان اولاد کي، مڙس پنهنجي زال کي، آقا پنهنجي ماتحتن کي هميشہ شڪ جي نگاهہ سان نہ ڏسي. بدگمانين گهر بلڪ ڳوٺ بلڪ ملڪ اُجاڙي ڇڏيا. (مراٰة ج 5 ص 364 مختصرًا)

# عيب تلاش ڪندڙ پاڻ خوار ٿيندو

حضور نبيءِ ڪريم، رَؤفٌ رَّحِيم عَلَيْهِ اَفْضَلُ الصَّلٰوةِ وَالتَّسْلِيْم جو فرمانِ عظيم آهي: ”اي اُهي ماڻهو جن زبان سان تہ ايمان آندو آهي پر جن جي دلين ۾ اجا تائين ايمان داخل نہ ٿيو آهي! نہ مسلمانن جي غيبت ڪريو ۽ نہ ئي انهن جا لڪل عيب تلاش ڪريو ڇو تہ جيڪو مسلمانن جا لڪل عيب تلاش ڪري ٿو الله عَزَّوَجَلَّ ان جا عيب ظاهر فرمائيندو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جنهن جا عيب ظاهر فرمائي تہ هو اُن کي ذليل ۽ رسوا ڪري ڇڏيندو جيتوڻيڪ هو پنهنجي گهر جي اندر وينل هجي.“ (ابو داؤد ج 4 ص354 حديث 4880)

پيارا پيارا صحافي اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جي ذات عيبن کان پاڪ آهي، انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۽ ملائڪ نقائص (يعني خامين) کان پاڪ ۽ معصوم آهن، باقي اسان جهڙا گنهگار تہ سراسر عيب دار آهن. اِهو تہ الله عَزَّوَجَلَّ جو ڪرم آهي جو ان اسان جي عيبن تي پردو وجهي ڇڏيو آهي، ۽ هو چاهي ٿو تہ ان جا ٻانها بہ هڪٻئي جو پردو فاش نہ ڪن پر جيڪو ان ڳالهہ کي نٿو ڇڏي ۽ ٻين کي ذليل ۽ خوار ڪرڻ جي تاڙ ۾ لڳو رهي ٿو الله عَزَّوَجَلَّ اُن کي بہ دنيا ۽

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

آخرت ۾ ذليل ڪري ڇڏي ٿو ايستائين جو اُن جا اُهي عيب بہ ظاهر ڪري ڇڏي ٿو جيڪي هن پنهجي گهر وارن کان لِڪائي رکيا هئا ۽ اهڙي طرح هو پنهجي گهر وارن جي نظرن ۾ بہ ڪِري وڃي ٿو ۽ پوءِ اُن جو اولاد بہ اُن جو احترام نٿو ڪري.

## مسلمانن جا عيب ڳولڻ منافق جو ڪم آهي

حضرتِ سَيِّدُنا عبدالله محمد بن منازل رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن فرمايو: اَلْمُؤْمِنُ يَطْلُبُ مَعَاذِيْرَ اِخْوَانِه يعني مومن تہ پنهنجي مسلمان ڀاءُ جا عذر ڳوليندو آهي وَالْمُنَافِقُ يَطْلُبُ عَثَرَاتِ اِخْوَانِه "جڏهن تہ منافق پنهنجي ڀاءُ جون غلطيون ڳوليندو آهي." (شعب الايمان ج7 ص 521 حديث 11197) مطلب اهو تہ ايمان جي علامت ماڻهن جا عُذر قبول ڪرڻ آهي جڏهن تہ انهن جون غلطيون تلاش ڪرڻ مُنافقت جي نشاني آهي.

وَاللهُ اَعْلَمُ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

کسی کی خامیاں دیکھیں نہ میری آنکھیں اور
سنیں نہ کان بھی عیبوں کا تذکرہ یاربّ (وسائلِ بخشش ص۹۹)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بدڪاري جي خبر لڳائڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** بدڪاري جي ملزمن جون اخبار ۾ خبرون لڳائڻ جي باري ۾ اوهان ڇا ٿا چئو؟

**جواب:** انهن خبرن جو موجوده انداز عام طور تي غير محتاط ۽ گناهن ڀريو هوندو آهي. گندين خبرن جو ڪجهہ اخبارن ۾ باقاعده سلسلو هلايو ويندو آهي، ملزم ۽ ملزمہ جون تصويرون شايع ڪيون

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي. (حاڪم)

ويندي ۽ خوب بي حيائي جون ڳالهيون لکيون وينديون آهن ۽ اهو يقيناً ناجائز آهي. ۽ اهڙي طرح گهڻو ڪري پاڪستان جي ”مطبوعات ۽ صحافت جي قانون“ جي بہ خلاف ورزي ڪئي ويندي آهي . دفعہ 24 جي تحت جن 15 شقن جو بيان آهي انهي جي شق نمبر(3) ۽ (7) پيش آهي: (3) تشدد يا جنس سان تعلق رکڻ وارن ڏوهن جي اهڙي رپورٽ جنهن سان غير صحتمنداڻي تجسُّس يا نقل جو خيال پيدا ٿيڻ جو امڪان هجي (7) غير اخلاقي، فحش (بي حيائي)، توهين آميز مواد جي ڇپائي.

## زنا جو شرعي ثبوت

اِها ڳالهہ خوب ذهن نشين ڪري وٺو تہ ڪنهن کي زاني يا زانيہ ثابت ڪرڻ انتهائي مشڪل ڪم آهي. ان جي شرعي ثبوت جي صورت هي آهي تہ يا تہ هو پاڻ اقرار ڪري يا پوءِ چار اهڙا عادل شاهد گهرجن جن اکين سان زنا ٿيندي ڏٺو هجي. پر ايتري ڳالهہ تي بہ انهن تي ”حد“ جاري نٿي ٿي سگهي جيستائين قاضي مختلف سوال ڪري هر طرح سان اطمينان نہ ڪري وٺي. قِصّو مختصر تہ زنا جي شرعي ثبوت ۾ ڪافي باريڪيون آهن، جيڪو بِنا شرعي ثبوت جي ڪنهن پاڪ دامن مسلمان کي زاني يا زانيہ چوي يا لِکي اُهو سخت گنهگار ۽ باهہ جي عذاب جو حقدار آهي.

## لوهہ جي 80 ڪَوڙَن جي سزا

انهيءَ سلسلي ۾ هڪ دل ڏڪائيندڙ روايت پڙهو ۽ خوفِ خداوندي کان ڏڪو! جيئن دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

المدينہ جي شايع ٿيل 1182 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهارِ شريعت جلد 2" صفحو 394 تي آهي: (حضرت) عبد الرَّزّاق (رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ) (سيدنا) عِڪرمہ (رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ) کان روايت ڪن ٿا، اُهي چون ٿا: هڪ عورت پنهنجي ٻانهي کي زانيہ چيو. عبدالله بن عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا فرمايو: تو زنا ڪندي ڏٺو آهي؟ اُن چيو: نہ. فرمايائون: قسم آهي اُن جي جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي! قيامت جي ڏينهن انهيءَ ڪري تو کي لوهہ جا اسّي80 ڪوڙا ماريا ويندا. (مصنف عبدالرزاق ج9 ص 320 رقم 18291) (خصوصاً صحافين سان مدني التجا آهي: مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل بهارِ شريعت جلد 2 جي اندر شامل حصي 9 ۾ زنا، تهمت، شراب نوشي وغيره جا فقهي احڪام ملاحظہ فرمائي وٺو اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ معلومات ۾ اضافو ٿيندو ۽ خوفِ خدا ۾ ترقي ٿيندي)

وَاللہُ اَعْلَمُ وَرَسُوْلُہٗ اَعْلَم عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

دے خدا ایسی نظر جو خوبیاں دیکھا کرے
خامیاں دیکھے نہ بس اچّھائیاں دیکھا کرے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# اشتهارن جي باري ۾ مَدَني گُل

**سوال:** اخبار عام طور تي اشتهارن جي ئي آمدني سان هلن ٿا، انهي سلسلي ۾ ڪجهہ مدني گل عطا فرمايو.

**جواب:** اخبارن ۾ اشتهار ڇاپڻ جائز آهن شرط هي آهي تہ جاندار جي تصوير يا ڪا ٻي شرعي ممانعت نہ هجي. جادو ٽوٽو ڪرڻ وارن، وياجي ادارن، خلافِ شرع قسطن تي ڪاروبار ڪرڻ وارن، گناهن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

سان ڀريل لاٽرين، غير اسلامي عقيدن تي مشتمل ڪتابن، ٻيو غير مسلمن جي غير مذهبي تهوارن جي مبارڪ بادين وغيره تي مشتمل اشتهار نه ڇاپيا وڃن. اڄڪلهه ايڊورٽائزمنٽ ۾ اڪثر ڪوڙ يا ڪوڙي مبالغه آرائي کان ڪم ورتو ويندو آهي، اخبار وارن کي ان طرح جا اشتهار ڇپڻ کان به بچڻ ضروري آهي، مثلاً جعلي، ناقص يا جن دوائن سان شفا جو غالب گمان نه آهي ان جي باري ۾ هن طرح جي سُرخي: ”سؤ فيصدي شرطيه علاج“ اِهو ڪُوڙو مُبالغو آهي، بلڪ اهڙا جملا ته ڪنهن به دوا جي باري ۾ نه چَوڻ گهرجن ڇو ته هر طبيب ڄاڻي ٿو ته طِب سڄي جو سڄو ظنّي آهي، ڪنهن به دوا جي باري ۾ يقين سان اهو نٿو چئي سگهجي ته ان سان شفا ملي ئي ويندي. ڪيترائي اهڙا مرض جنهن جا علاج دريافت ٿي چڪا آهن، انهن ئي مرضن ۾ علاج جون تمام مجرّب صورتون آزمائڻ جي باوجود روزانو ڪيترائي مريض دم ٽوڙي ويندا آهن، اها ان ڳالهه جو واضح دليل آهي ته ڪا به دوا اهڙي ناهي جنهن جي ذريعي شفا ملڻ يقيني هجي. شفا صرف مِن جانِبِ الله آهي. بهرحال اخبارن ۾ گناهن ڀريا اشتهار شايع ڪرڻ گناهه آهي، صرف جائز اشتهار ڇاپيا وڃن. سيپارو 6 سُوْرَةُ الْمَآئِدَه آيت نمبر 2 ۾ ارشادِ ربُّ العِباد آهي:

وَتَعَاوَنُوْا عَلَى الْبِرِّ وَالتَّقْوٰى ۪ وَلَا تَعَاوَنُوْا عَلَى الْاِثْمِ وَالْعُدْوَانِ ۪ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ۝۲

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ نيڪي ۽ پرهيزگاري تي هڪ ٻئي جي مدد ڪريو ۽ گناهه ۽ زيادتي ۾ هڪ ٻئي کي مدد نه ڏيو.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

بندے پہ تیرے نفسِ لعیں ہو گیا مُحیط
**اللہ**! کر علاج مِری حِرص و آز کا (ذوقِ نعت)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# فلمي اشتهار

**سوال:** فلمي اشتهارن جي باري ۾ به ڪجهه روشني وجهو.

**جواب:** فلمن، ڊرامن ۽ ميوزڪ شو وغيره جا اشتهار پنهنجي اخبارن ۾ ڏيڻ گناهه، حرام ۽ جهنم ۾ وني وڃڻ وارو ڪم آهي، اهڙن اشتهارن جي ذريعي ملڻ واري اُجرت به حرام آهي. ان قسم جا اشتهار ڏسي جيترا ماڻهو اها فلم يا ڊرامو ڏسندا يا ميوزڪ شو ۾ شريڪ ٿيندا انهن سيني کي پنهنجو پنهنجو گناهه ملندو جڏهن ته انهن سيني جي برابر گناهه اخبار جي مالڪن ۽ ان ۾ اشتهار ڏيڻ جي ذميدارن کي ملندو. مثلاً اشتهار جي ذريعي خبر حاصل ڪري ڏهه هزار ماڻهن فلم ڏٺي ته ذڪر ڪيل اخبار وارن کي ڏهه هزار گناهه ملندا.

وَاللّٰہُ اَعْلَمُ وَرَسُوْلُہٗ اَعْلَم عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

سرورِ دیں! لیجے اپنے ناتُوانوں کی خبر
نفس و شیطاں سیِّدا! کب تک دباتے جائیں گے (حدائقِ بخشش شریف)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# اخباري مضمون ڪئين هُجن؟

**سوال:** اخبار جا مضمون ڪهڙا هئڻ گهرجن؟

**جواب:** اسلام جي رنگ ۾ رنگيل، **الله** و رسول عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي محبت دلين ۾ جاڳائڻ وارا، صحابه و اهلبيت ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان ۽

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

اولياءِ عِظام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام جي عشق سان دلين کي سرشار ڪرڻ وارا، نيڪين سان پيار ڏيارڻ وارا ۽ گناهن کان بيزار ڪرڻ وارا مضمون اخبار ۾ هئڻ گهرجن. اهڙا موضوع قلمبند ڪيا وڃن جو پڙهڻ وارا نمازي ۽ سنتن جا پابند بڻجن، والدين جي اطاعت جو درس وٺن ۽ انهن جو پاڻ ۾ پائيچاري ۽ محبت ۽ اخوت جو ذهن بڻي. پر صد ڪروڙ افسوس! ائين ڪونهي، اڪثر اخبارون، هفت روزه ۽ ماهنامہ فحش، واهيات ۽ مُخَرِّبُ الاخلاق مضمونن ۽ عِشقيہ فِسقيہ تحريرن سان ڀريل هوندا آهن. انهن کي پڙهي ڪري ماڻهو دين کان وڌيڪ پري ٿيندا، نون نون گناهن جي خواهش پائيندا ۽ چورين ڌاڙن جا نِت نوان گُر سکن ٿا.

## عُلَماءِ ۽ مَشَائِخ جي ڪردارڪُشي

پيارا پيارا صحافي اسلامي ڀائرو! اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان کي اهلِسنّت جي عالمن جي قدمن ۾ رکي ۽ حشر جي ڏينهن انهن جي ئي جماعت ۾ اُٿاري. اٰمين . اڄڪلهہ تہ ائين لڳي ٿو جو ڪجهہ اخبار وارن کي عالمن، مشائخن ۽ مذهبي شڪل ۽ صورت سان جهڙي چِڙ هجي! جتي ڪنهن مذهبي ماڻهو يا مسجد جي امام يا مؤذن وغيره جي ڪنهن خطا جي اُڏندي خبر ڪن تي پئي، ان کي هٿو هٿ وٺي ۽ ان مذهبي ماڻهو جي تذليل ۽ ڪردارڪشي جو ڪيترن ئي ڏينهن تائين جي لاءِ باقاعده هڪ سلسلو هلايو ويندو آهي! ها ڪنهن عامل ۽ بابا يعني تعويذ ڏيڻ واري جي پُل سامهون اچڻ ۽ شرعي ثبوت ملڻ جي صورت ۾ ان خاص ماڻهو جي شر کان ماڻهن کي بچائڻ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعليٰ)

جي لاءِ انهي جي باري ۾ بيان ڪرڻ درست آهي ۽ اهڙي طرح اهڙي قِسم جي ٻين ڪوڙن ماڻهن ۽ ٺڳن کان محتاط رهڻ جو مشورو ڏيڻ به تمام مناسب آهي پر اهو هرگز هرگز جائز ناهي ته انهن کي ”نقلي پير“ قرار ڏيئي حقيقي عالمن ۽ مشائخن کي بدنام ڪرڻ جون بريون ترڪيبون شروع ڪري ڇڏين، حالانڪ هر تعويذ ڏيڻ وارو پيري مُريدي ناهي ڪندو، عامل هجڻ ٻي شيءِ آهي ۽ پير هجڻ ٻي.

## ڪجهه ڪالم لکندڙن جا ڪارناما

ڪجهه ڪالم نگار به نهايت بي خوفي سان شرعي معاملن ۾ دخل اندازي ڪندي ۽ اسلامي قدرن کي پامال ڪندي نظر ايندا آهن، ۽ پڻ جنهن جي وٽين پنهنجي ڪالم جي ذريعي عزت خراب ڪن ۽ ان جي عزت کي لتاڙي ڇڏين ٿا ۽ جنهن تي ”مهربان“ ٿي وڃن ٿا اهو جيتوڻيڪ پاپي سماج ۾ پلجڻ وارو گندي نالي جو ڪيڙو ڇو نه هجي ان کي ”هيرو“ بڻائي ڇڏين ٿا!

## گناهن ڀري تحرير مرڻ کان پوءِ گناهه جاري رکي سگهي ٿي

مٺا مٺا صحافي اسلامي ڀائرو! اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان سڀني کان سدا جي لاءِ راضي ٿئي ۽ اسان کي بي حساب بخشي. آمين. هر هڪ کي اهو ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته جنهن ڳالهه جو زبان سان ادا ڪرڻ ثواب آهي انهي جو قلم سان لکڻ به ثواب ۽ جنهن جو ڳالهائڻ گناهه انهي جو لکڻ به گناهه آهي بلڪ ڳالهائڻ جي مقابلي ۾ لکڻ ۾ ثواب ۽ گناهه ۾ اضافي جو وڌيڪ امڪان آهي مقولو آهي: اَلْخَطُّ بَاقٍ وَّالْعُمُرُ فَانٍ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

يعني "تحرير (دير تائين) باقي رهندي ۽ عمر (جلد) فنا ٿي ويندي." بهرحال تحرير تا دير قائم رهندي ۽ پڙهي ويندي آهي، اها جيستائين دنيا ۾ باقي رهندي ماڻهو ان جا سٺا يا برا اثر وٺندا رهندا ۽ لکڻ وارو چاهي گذاري ويو هجي ان جي لاءِ ثواب يا عذاب ۾ اضافي جو سلسلو جاري رهندو. گناهن ڀري تحرير مرڻ کان پوءِ به باقي رهي ۽ پڙهي وڃڻ جي صورت ۾ گناه جاري رهڻ جو خوفناڪ تصوّر ئي خوفِ خدا رکڻ واري مسلمان جو هوش اُڏائڻ لاءِ ڪافي آهي!

## هڪڙو غلط لفظ ئي ڪٿي دوزخ ۾ نه وجهي ڇڏي

پيارا پيارا صحافي اسلامي ڀائرو! الله تبارڪ وتعاليٰ اسان کي دين ۽ دنيا جي سيني معاملن ۾ محتاط رهڻ جي سعادت بخشي ۽ اسان جي آخرت برباد ٿيڻ کان بچائي. آمين. تمام سوچي سمجهي لکڻ يا ڳالهائڻ گهرجي جو متان زبان يا قلم سان ڪا اهڙي ڳالهه صادر ٿي وڃي جيڪا آخرت تباه ڪري ڇڏي. انهيءَ سلسلي ۾ به فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظ فرمايو:

(1) بيشڪ ماڻهو هڪ ڳالهه چوي ٿو جنهن ۾ ڪو حرج نٿو سمجهي جڏهن ته ان جي سبب ستّر سال جهنم ۾ ڪِرندو رهندو.

(ترمذي ج 4 ص 141 حديث 2321)

(2) ڪو شخص الله عَزَّوَجَلَّ جي ناراضگي جي ڳالهه ڪري ٿو اها انهي مقام تائين پهچي ٿي جنهن جو ان کي خيال به نٿو هجي. بس الله عَزَّوَجَلَّ انهي ڪلام جي سبب کان ان تي پنهنجي ناراضگي تا قيامت لکي ٿو ڇڏي. (المُعجمُ الڪبير ج 1 ص 365 حديث 1129) علمِ دين نه هئڻ جي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي . (مجمع الزوائد)

باوجود اسلامي مضمون لکڻ ۽ شرعي معاملن ۾ دخل اندازي ڪرڻ وارن جي مذمت ڪندي منهنجا آقا اعلٰحضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: "جنهن کي اُبتا سُبتا بہ اکر (اردو جا) لکڻ اچي ويا اهو مُصنّف ۽ مُحقّق و مُجتهد بڻجي وينو ۽ دينِ متين ۾ پنهنجي ناقص عقل ۽ فاسد راءِ سان دخل ڏيڻ لڳو، قرآن و حديث ۽ عقائد و ارشاداتِ آئِمہ سيني جو مخالف ٿي ڪري پهتو جتي پهتو!" (فتاوٰي رضويه ج 22 ص 504)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ وَرَسولُهٗ اَعلَم عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

دینی حَمِیَّت تُو مجھے ربِّ کریم دے
ڈر اپنا ،شَرم، اپنی دے قلبِ سلیم دے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مضمون لکندڙ جي لاءِ مدني گُل

**سوال:** مضمون لکندڙن لاءِ ڪجهہ مدني گُل ارشاد فرمايو.

**جواب:** جڏهن بہ ڪنهن مضمون يا تحرير جي ترڪيب ڪرڻي هجي ان وقت سڀ کان پهرين پنهنجي دل کان سوال ڪري تہ آئون جيڪو لکڻ لڳو آهيان انهي جي شرعي حيثيت ڇا آهي؟ انهي تي ثواب بہ ملندو يا نہ؟ ڪٿي ائين تہ ناهي جو گناهن ڀريون ڳالهيون لکي دنيا ۾ ڇڏي وڃان ۽ قبر ۽ آخرت ۾ ڦاسي وڃان! الغرض تحرير کان پهرين ان جا ديني ۽ اُخروي فائدا ۽ دنياوي جائز نفعي بابت چڱي طرح سوچي وٺي، ضرورتًا عُلماءِ ڪرام سان مشورو ڪري. جڏهن شرعي ۽ اخلاقي حوالي سان مڪمل اطمينان حاصل ٿي وڃي تہ هاڻي رضاءِ اِلٰهي عَزَّوَجَلَّ حاصل ڪرڻ ۽ ثواب ڪمائڻ لاءِ سنيون

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالَى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو تہ جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

سنيون نيّتون ڪري الله عَزَّوَجَلَّ جو نالو وٺي قلم کڻي.

## هڪ مُصنف جي حڪايت

جاحِظ (جيڪو مُعتزِلي فِرقي جو مُصنّف تي گذريو آهي ان) ڪي مرڻ کان پوءِ ڪنهن خواب ۾ ڏسي پڇيو: ڇا معاملو ٿيو؟ چيائين: ”پنهنجي قلم سان صرف اهڙي ڳالھ لکو جنهن کي قيامت ۾ ڏسي ڪري خوش ٿي سگهو.“ (احياءُ العلوم ج 5 ص 266)

وَاللهُ اَعْلَمُ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

دے تمیز اچھے بھلے کی مجھ کو اے ربِّ غفور
میں وُہی لکھوں کرے جو سُرخ رُو تیرے حُضور

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بڌل بڌايل ڳالھ سبب ڪنهن کي گنهگار چوڻ

**سوال:** ڪنهن شخص جي باري ۾ ڪا برائي جي خبر عوام ۾ مشهور ٿي وڃي تہ ان کي ڇاپي سگهجي ٿو يا نہ؟

**جواب:** صرف ان بنياد تي نٿا ڇاپي سگهو. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: كَفٰى بِالْمَرْءِ كَذِبًا اَنْ يُّحَدِّثَ بِكُلِّ مَا سَمِعَ يعني ڪنهن انسان جي ڪوڙو هجڻ لاءِ اهو ئي ڪافي آهي جو هُو هر بڌل بڌايل ڳالھ (بنا تحقيق) بيان ڪري ڇڏي. (مقدمہ صحيح مسلم ص 8 حديث 5) ڪنهن جي گناھ جو صرف مشهور ٿيڻ ان جي گنهگار هجڻ جو هرگز دليل ناهي. منهنجا آقا اعلٰحضرت، امامِ اهلِسنّت، مجدّد دين ۽ ملّت مولانا شاھ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فتاوٰي رضويہ جلد 24 صفحو 106 کان 108 تي زبردست حنفي عالم حضرت علامہ عارف بِالله ناصِح فِي الله

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

سيّدي عبدالغني نابُلُسي قُدِّسَ سِرُّهُ القُدسي جو طويل ارشاد نقل ڪيو آهي انهي جي هڪ حصي جو خلاصو آهي: ڪنهن ڪي صرف انهي ڪري گنهگار چوڻ جائز ناهي جو ڪيترائي ماڻهو هن جي طرف گناهه نسبت ڪري رهيا هجن ۽ هونئن بہ اڄڪلهه ماڻهن ۾ بغض ۽ ڪينو، حسد ۽ ڪوڙ جي ڪثرت آهي. ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو جهالت ۽ بي علمي جي ڪري بہ ڪنهن تي الزام هڻي ڇڏيندو آهي ۽ ماڻهن ۾ انهي جو تذڪرو بہ ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ماڻهو بہ ان جي حوالي سان اڳيان بيان ڪري ڇڏيندا آهن. ٿيندي ٿيندي اِها خبر ڪنهن اهڙي شخص تائين وڃي پهچندي آهي جيڪو پنهنجي علم تي مغرور ۽ فضلِ خداوندي ڪان پري هوندو آهي، اهو لاعلمي جي سبب بيان ڪيل ان ”گناهه“ جو بنا ڪنهن تحقيق جي اهڙي طرح تذڪرو ڪندو آهي تہ مون ڪي هي خبر تسلسل سان ملي آهي. جڏهن تہ جنهن جي طرف گناهه جي نسبت ڪئي ويندي آهي انهي غريب ڪي خواب ۾ بہ انهي ڳالهه جي خبر ناهي هوندي! وڌيڪ فرمائن ٿا: ”جڏهن ڪنهن شخص ڪان متواتر يا مشاهدي (يعني اکين ڏٺو) گناهه ثابت ٿي بہ وڃي تڏهن بہ ان ڪي ظاهر نہ ڪري ڇو تہ ماڻهن ۾ بطورِ غيبت ڪنهن جي گناهه جو تذڪرو حرام آهي انهي لاءِ جو غيبت سچي بہ حرام آهي.“

وَاللهُ اَعْلَمُ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

عیبوں کو عیب جُو کی نظر ڈھونڈتی ہے پَر
ہر خوش نظر کو آتی ہیں اچّھائیاں نظر

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم : جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا دروودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهہ معاف ٿيندا. (کنزالعمال)

## ڇا هر خبر ڇاپڻ کان پهرين خوب تحقيق ڪرڻي پوندي؟

**سوال:** ته ڇا هر خبر ڇاپڻ جي لاءِ خوب تحقيق ڪرڻي پوندي؟

**جواب:** اهڙي جائز ۽ بنا نقصان واري خبر جيڪا ڪنهن ماڻهو يا قوم يا اداري وغيره جي برائي يا نقصان يا رسوائي بي عزتي تي مشتمل نه هجي، جنهن ۾ ڪنهن قسم جي شرعي خامي يا فتني يا امن عامہ ۾ خلل جو شُبهو نه هجي، پنهنجي ملڪ جو ڪو قانون به نه ٽٽندو هجي، ڪمزور قول ملڻ تي به ڇاپي سگهي ٿي. جيتوڻيڪ اجاين خبرن، بي فائده نظمن ۽ فضول مضمونن ۽ بيڪار لطيفن کان بچڻ مناسب آهي. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي: مَنْ حُسْنِ اِسْلَامِ الْمَرْءِ تَرْکُہٗ مَالَا يَعْنِيْہِ يعني فضول ڳالهين کي ڇڏي ڏيڻ انسان جي اسلام جي خوبي مان آهي. (ترمذي ج 4 ص 1885 حديث 2325) **دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 56 صفحن تي مشتمل ڪتاب، "پٽ کي نصيحت" صفحو 8 کان 9 تي حُجَّةُ الاِسْلام حضرت سيّدنا امام ابو حامد محمد بن محمد غزالي عَلَيْہِ رَحْمَةُ اللہِ الْوَالِي فرمائن ٿا: اي پيارا پٽ! حضور نبي ڪريم، رؤف رَّحيم عَلَيْہِ اَفْضَلُ الصَّلٰوةِ وَالتَّسْلِيْم جن پنهنجي اُمت کي جيڪي نصيحتون ارشاد فرمايون انهن مان هڪ مهڪندڙ مدني گل هي (بہ) آهي: "ٻانهي جو بي فائده ڪمن ۾ مشغول ٿيڻ ان ڳالهہ جي نشاني آهي ته اللہ عَزَّوَجَلَّ هن تان پنهنجي نظرِ عنايت ڦيري ڇڏي آهي ۽ جنهن مقصد جي لاءِ ٻانهي کي پيدا ڪيو ويو آهي جيڪڏهن ان جي زندگي جي هڪ گهڙي بہ اُن کان علاوه (يعني اُن مقصد کان هٽي ڪري) گذري ته اُهو ٻانهو اِن ڳالهہ جو حقدار آهي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

جو اُن جي حسرت ڏکهي ٿي وڃي ۽ جنهن جي عمر 40 سالن کان وڌيڪ ٿي وڃي ۽ ان جي باوجود اُن جي بُراين تي ان جون چڱايون غالب نہ ٿين تہ ان کي جهنّم جي باھ ۾ وڃڻ جي لاءِ تيار رهڻ گهرجي.“ (تفسير روح البيان، سورت بقرة، تحت الآية: 232 ج 1 ص 363) (اي پٽ!) سمجهدار ۽ عقلمند جي لاءِ ايتري ئي نصيحت ڪافي آهي.

گو يہ بندہ نکمّا ہے بیکار — اِس سے لے فضل سے ربِّ غفّار

کام وہ جس میں تیری رِضا ہے — یاخدا تجھ سے میری دُعا ہے (وسائلِ بخشش ص۱۳۵)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! — صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## شيطان ڪُوڙي خبر مشهور ڪندو آهي

**سوال:** افواه ملي تہ فُلاڻا فُلاڻا گروپ پاڻ ۾ ٽڪرائجي ويا آهن ۽ هڪبئي ۾ لڙائي ڇڙي ويئي آهي اهڙيون خبرون ڇاپڻ ڪيئن آهن؟

**جواب:** اهڙيون خبرون تہ مُصَدِّقہ (يعني تصديق شده) هجن تڏهن بہ ڇاپڻ ۾ نقصان کان سواءِ ڪجهہ ناهي جو عام طور تي ان طرح هنگاما وڌندا، جان ۽ مال جي هلاڪتن ۽ بربادين ۾ اضافو ٿيندو آهي. ”امنِ عامہ ۾ خلل وجهڻ جي ڪوشش“ تي مشتمل خبرون تہ خود اسان جي ملڪي قانون جي بہ خلاف آهن. رهي خبر جنهن کي ”**افواه**“ چوندا آهن، ان تي اعتماد ڪرڻ ئي نہ گهرجي، اهڙيون افواهون شيطان بہ انسان جي شڪل ۾ اچي ڪري اُڏائيندو آهي. جيئن حضرت (سيدنا) ابن مسعود (رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ) فرمائن ٿا: ”شيطان ماڻهو جي صورت اختيار ڪري ماڻهن وٽ ايندو آهي ۽ انهن کي ڪنهن ڪوڙي ڳالهہ جي خبر ڏيندو آهي. ماڻهو پکڙجي ويندا آهن ۽ انهن

مان ڪو چوندو آهي تہ مون هڪ شخص کان ٻڌو جنهن کي شڪل کان سڃاڻان ٿو (پر) اها خبر ناهي تہ ان جو نالو ڇا آهي اهو هي چوي ٿو.“ (مقدمہ مسلم ص 9)

## پاڪستان جي قيام کان فوراً بعد افواهہ جي سبب ٿيڻ وارو فساد

**مُفَسِّرِ شَهير حڪيمُ الامت حضرت مفتي احمد يار خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْحَنَّان ذڪر ڪيل روايت جي هن حصي فَيُحَدِّثُهُمْ بِالْحَدِيْثِ مِنَ الْكَذِبِ (ترجمو: ”انهن کي ڪنهن ڪوڙي ڳالهہ جي خبر ڏيئي ٿو“) جي تحت فرمائن ٿا: (يعني) ”ڪنهن واقعي جي ڪوڙي خبر يا ڪنهن مسلمان تي بهتان يا فساد ۽ شرارت جي خبر جنهن جي حقيقت ڪجهہ نہ هجي.“ مفتي صاحب هن روايت جي تحت وڌيڪ فرمائن ٿا: حديث بلڪل ظاهري معنيٰ تي آهي ڪنهن وضاحت جي ضرورت ناهي، اهو بار بار جو تجربو آهي (جيئن تہ) رمضانُ المُبارڪ جي ستاويهہ تاريخ جمعي جي ڏينهن يعني 14 آگسٽ 1947 تي پاڪستان ٺهيو. عيدُالفطر جي ڏينهن عيد نماز جي وقت تمام شهرن بلڪ ڳوٺن ۾ (بہ) اها خبر مشهور ٿي ويئي تہ سِک هٿيار سان هن ڳوٺ تي حملہ آور ٿي رهيا آهن (۽) ويجهو اچي چڪا آهن! هر گهر، هر پاڙي، هر جڳهہ شور مچي ويو، ماڻهو تياريون ڪري نڪري آيا. باوجود ان جي جو ڳالهہ غلط هئي هر جڳهہ ماڻهن (اهو ئي) چيو تہ ”هينئر هڪ ماڻهو چئي ويو آهي خبر ناهي ڪير هو!“ پوءِ جيڪو فساد شروع ٿيو اهو سيني ڏٺو، خدا جي پناهہ! هن (حديث پاڪ ۾ ڏنل خبر) جو ظهور ٿيندو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

رهندو آهي. شيطان لِڪي ڪري بہ دلين ۾ وسوسا وجهندو رهندو آهي ۽ ظاهر ظهور انساني شڪل ۾ اچي ڪري بہ . تنهن ڪري هر خبر بنا تحقيق نہ ڦهلائڻ گهرجي. ان جو مطلب اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ ڪڏهن شيطان عالم ماڻهو جي شڪل ۾ اچي ڪري (بہ) ڪوڙيون حديثون بيان ڪري ويندو آهي، ماڻهن ۾ اُهي ڪوڙيون حديثون ڦهلجي وينديون آهن. انهي ڪري حديث کي ڪتاب ۾ ڏسي ڪري ۽ تصديق نام وغيره معلوم ڪري بيان ڪرڻ گهرجي. مفتي صاحب بيان ڪيل حديث مبارڪ جي باري ۾ فرمائن ٿا: باوجود ان جي جو فرمان حضرت ابن مسعود رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو آهي پر "مرفُوع حديث" (اها حديث جنهن جي راوين جو سلسلو حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تائين پهچي) جي حڪم ۾ آهي جو اهڙي ڳالهہ صحابي پنهنجي خيال يا راءِ سان بيان نٿا فرمائي سگهن حضور (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کان ٻڌي ڪري ئي چئي رهيا آهن. (مراۃ ج6 ص477) هن حديث پاڪ ۽ ان جي شرح مان انهن ماڻهن کي بہ درس حاصل ڪرڻ گهرجي، جيڪي موبائل فون تي SMS جي ذريعي حاصل ٿيڻ واريون طرح طرح جون حديثون ٻين کي فارورڊ ڪندا (يعني اڳيان وڌائيندا) رهندا آهن. باوجود ان جي جو انهن مان ڪيتريون ئي حديثون "اُصول حديث" سان ٽڪرائڻ واريون ۽ مُوضوع يعني هٿ ٺوڪيون هونديون آهن! تنهنڪري انهن حديثن کي ۽ اهڙي ئي طرح اخبارن وغيره ۾ شايع ڪيل حديثن کي بہ علماءِ ڪرام جي مشوري کان بغير نہ بيان ڪريو نہ ئي ڪنهن کي SMS ڪريو ڇاڪاڻ تہ غير محتاط ترجمن جي ڀرمار ۽ بي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي. (حاڪم)

احتياطي جو رواج آهي. وَاللهُ اَعۡلَمُ وَرَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

لب حمد میں کُھلے، تری رَہ میں قدم چلے

یارب ! ترے ہی واسطے میرا قلم چلے

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# بيان جي ترديد ڪرڻ جو طريقو

**سوال:** جيڪڏهن ڪنهن اخبار ۾ ڪنهن جي نالي سان ڪو قابلِ ترديد مضمون يا بيان شايع ٿيو تہ ان جي ترديد ڪرڻ جو ڪهڙو طريقو هجڻ گهرجي؟

**جواب:** ترديد ڪرڻ ۾ فُلان شخص هي چيو آهي يا بيان ڏنو آهي وغيره نہ ڇاپيو وڃي بلڪ صرف ان اخبار جي نالي تي ڪفايت ڪئي وڃي تہ ”فُلان اخبار يا هفتيوار يا ماهنامي ائين لکيو آهي.“ مضمون نگار يا جنهن جي طرف بيان منسوب آهي ان جي ذات تي هرگز حملو نہ ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ تہ اخبار يا ماهنامي وغيره ۾ ڪنهن جو نالو شايع ٿي وڃڻ ”شرعي دليل“ ناهي. مونکي (سگ مدينہ عُفِيَ عَنۡہ) کي خود تجربو آهي تہ ڪڏهن منهنجي طرفان اهڙيون ڳالهيون اخبار ۾ اچي وينديون آهن جن جي مون کي خبر بہ ناهي هوندي! هڪ دفعي مون ڪنهن عالم صاحب کان انهن جي طرف منسوب غير ذميدارانہ اخباري بيان جي باري ۾ پڇيو تہ ڪجھ هن طرح جواب مليو: ”مون ائين ڪونہ چيو هو، صحافي فون ڪيو هو ۽ پنهنجي مرضي سان فُلان جملو وڌائي ڇڏيو.“ اڪثر دفعا ڪنهن جي طرف منسوب ان جي مرضي جي خلاف اهڙو بيان ڇاپي ڇڏيو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

ويندو آهي جنهن جي ترديد ڪرڻ ۾ فتني جو ڊپ هوندو آهي ۽ ائين هو خوب آزمائش ۾ اچي ويندو آهي. مثلاً ڪنهن ملڪ جو غير مسلم صدر مري ويو، ڪنهن جي طرفان تعزيتي بيان وجهي ڇڏيو ويو ۽ انهي ۾ مرڻ واري کي "مرحوم" لکي ڇڏيو يا ان جي لاءِ "دعاءِ مغفرت ڪرڻ" منسوب ڪري ڇڏيو تہ ترديد ڪرڻ جو مرحلو وڏو نازڪ آهي. هتي اهو مسئلو بہ سمجهي وٺو تہ ڪنهن غير مسلم يا مُرتَد کي مرڻ کان پوءِ مرحوم چوڻ واري يا ان جي لاءِ دعاءِ مغفرت ڪرڻ واري يا انهي کي جنتي چوڻ واري تي ڪفر جو حڪم آهي. (ماخوذ أ بهار شريعت ج اول ص 185) صد ڪروڙ افسوس! ڪيترين ئي اخبارن ۾ ان قسم جا ڪفريات بنا تڪلف ڇاپيا ويندا آهن! اهڙي طرح ڪو ناپسنديده شخص اقتدار ۾ اچي ويو ۽ ڪنهن جي طرفان خوامخواه مبارڪباد جو پيغام يا دعائيہ ڪلمات ڇاپي ڇڏيا ويا، ويچارو ترديد ڪيئن ڪندو؟ بهرحال! اخبار وارن کي ماپي توري ڪري لکڻ ۽ علماءِ ڪرام جي رهنمائي سان گڏ هلڻ ضروري آهي نہ تہ ڪفريات لکي ڇڏڻ سان ايمان خطري ۾ پئجي سگهي ٿو. ڪنهن بيان نہ ڏنو هجي ان جي طرفان ارادتاً ڪوڙو بيان ڇاپي ڇڏڻ بہ گناهہ ۽ جيڪڏهن بيان ڏنو هجي پر ان ۾ پنهنجي طرفان اهڙي غير واجبي تبديلي ڪرڻ جيڪا ڪوڙ مجي وجي اهو بہ گناهہ آهي.

مجھ کو حکمت کا خزانہ یاالٰہی کر عطا
اور چلانے میں قلم کردے تُو محفوظ از خطا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

# ايڊيٽر ڪي ڪيئن هجڻ گهرجي؟

**سوال:** اخبار ۽ ٽي وي چينل جي مالڪ و مُدير، ايڊيٽر ۽ ڊائريڪٽر کي ڪيئن هجڻ گهرجي؟

**جواب:** ٽي وي چينل، اخبار، هفتيوار، ماهنامي وغيره جي مالڪن، مُديرن، ايڊيٽرن ۽ ذميدارن کي دين جي علم سان آراسته هجڻ گهرجي يا گهٽ ۾ گهٽ "محتاط فِي الدِّين هجن" ۽ علماءِ ڪرام جي ماتحت رهندي انهن جي رهنمائي حاصل ڪري چينل هلائيندا يا اخبار وغيره ڪڍندا هجن، اهي ماڻهو جيڪڏهن دين جي علم کان عاري، خوفِ خدا کان خالي، آزاد خيال ۽ "بي لغام" هوندا ته انهن جو چينل اخبار يا ماهنامو وغيره مسلمانن جي لاءِ بي عملي بلڪ گمراهي جو آلو ثابت ٿي سگهي ٿو.

الله! اِس سے پہلے ایماں پہ موت دیدے
نقصاں مِرے سبب سے ہو سنّتِ نبی کا (وسائلِ بخشش ص۱۹۵)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# ماڻهن جي حالات بابت معلومات رکڻ

**سوال:** ماڻهن جي موجوده حالات کان باخبر رهڻ ۾ ڪو حرج ته ڪونهي؟

**جواب:** جائز ذريعن سان مفيد ۽ جائز معلومات حاصل ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي بلڪ سٺيون نيتون هجن ته ثواب به ملندو. "شُمائل ترمذي" ۾ حضرت سيدنا هِند بن ابي هاله رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت ڪيل هڪ طويل حديث ۾ اهو به آهي ته يَتَفَقَّدُ اَصْحَابَهٗ وَيَسْأَلُ النَّاسَ عَمَّا فِي النَّاسِ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهہ رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

يعني شهنشاهِ خيرُ الانام صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان جي حالات جي معلومات فرمائيندا ۽ ماڻهن ۾ ٿيڻ وارن واقعن جي باري ۾ پُڇا ڳاڇا ڪندا هئا. (شمائل ترمذي ص192) **حضرت علامہ علي قاري** عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْبَارِی هن حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: يعني سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جيڪي صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان موجود نہ هوندا تن جي باري ۾ پُڇا فرمائيندا، جيڪڏهن ڪو بيمار هوندو تہ ان جي عيادت ڪندا يا ڪو سفر تي هوندو تہ ان جي لاءِ دعا ڪندا، جيڪڏهن ڪنهن جو انتقال ٿي ويندو تہ ان جي لاءِ مغفرت جي دعا فرمائيندا ۽ ماڻهن جي معاملن جي تحقيقات ڪري انهن جي اصلاح فرمائيندا.

(جمع الوسائل ج 2 ص 177) وَاللّٰہُ اَعْلَمُ وَرَسُوْلُہٗ اَعْلَم عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## خبرون معلوم ڪرڻ جون سٺيون نيّتون

**سوال:** خبرون معلوم ڪرڻ جي لاءِ ڪهڙيون سٺيون نيتون هجڻ گهرجن؟

**جواب:** هر جائز ڪم ڪان پهريان موقع جي مطابق سٺيون سٺيون نيتون ڪرڻ کپن. ڪنهن ماڻهو جي باري ۾ جائز معلومات حاصل ڪرڻ ۾ هن طرح نيتون ڪري سگهجن ٿيون . مثلاً هن جي باري ۾ سٺي خبر ٻڌندس تہ ماشاءَاللّٰہ، بَارَکَ الله چوندس، هن جي دل خوش ڪرڻ جي لاءِ مبارڪباد پيش ڪندس، جيڪڏهن هي پريشان هوندو تہ تسلي ڏيئي هن جي دلجوئي ڪندس. ٿي سگهيو تہ ان جي مدد ڪندس، ضرورتاً سٺو مشورو ڏيندس، سفر ۾ هوندو تہ دعا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

ڪندس. بيمار هوندو تہ عيادت ڪندس، يا سندس شِفا لاءِ دعا ڪندس وغيره.

## خبر معلوم ڪرڻ جي انوکي حڪايت

ڪنهن جي خبر چار معلوم ڪرڻ تي جيڪڏهن هو حاجتمند ظاهر ٿئي تہ ممڪن صورت ۾ ان جي مدد ڪرڻ گهرجي. ”ڪيمياءِ سعادت“ ۾ آهي: **سَيِّدُ المُعَبِّرِين حضرت سيدنا امام محمد ابن سِيرِين** عَلَيْہِ رَحْمَةُ اللّٰہِ الْمُبِين جن هڪ ماڻهو کان پڇيو: ڇا حال آهي؟ جواب ڏنائين: (تمام برو حال آهي جو) ڪثيرُالعيال آهيان، (يعني بار ٻچا جَهجَها آهن) مون وٽ خرچ پکو ناهي، مٿان وري 500 درهم جو قرضدار بہ آهيان، اهو ٻڌي **حضرت سيدنا امام محمد ابن سيرين** عَلَيْہِ رَحْمَةُ اللّٰہِ الْمُبِين پنهنجي گهر تشريف وٺي آيا، هڪ هزار درهم ڪنيائون ۽ ان ڏُکايل وٽ آيا ۽ سڀ درهم ان کي ڏنائون ۽ فرمايائون: 500 درهم مان قرض ادا ڪريو ۽ 500 گهر جي خرچ ۾ استعمال فرمايو. پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ عهد ڪيو تہ ”ڪنهن کان حال ڪونہ پڇندس.“ **حُجّةُ الاسلام حضرت سيدنا امام ابو حامد محمد بن محمد بن محمد غزالي** عَلَيْہِ رَحْمَةُ اللّٰہِ الْوَالِی اها حڪايت نقل ڪرڻ کان پوءِ فرمائن ٿا: ”**حضرت سيدنا امام محمد ابن سِيرِين** عَلَيْہِ رَحْمَةُ اللّٰہِ الْمُبِين جن ان خوف کان آئينده ڪنهن جو حال نہ پڇڻ جو عهد ڪيو جو جيڪڏهن پاڻ خبر معلوم ڪرڻ کان پوءِ مون ان جي مدد نہ ڪئي تہ پُڇڻ جي معاملي ۾ منافق قرار پائيندس. (ڪيمياءِ سعادت ج 1 ص 408)

**اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِیِّ الْاَمِين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعليٰ)

مجھے دے خود کو بھی اور ساری دنیا والوں کو
سُدھارنے کی تڑپ اور حوصلہ یاربّ (وسائلِ بخشش ص۹۶)

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# اخبار پڙهڻ ڪيئن؟

**سوال:** اخبار پڙهڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** جيڪو اخبار شرعي تقاضن جي مطابق هجي ان ڪي پڙهڻ جائز آهي ۽ جيڪو اخبار اهڙو ناهي ان جو مطالعو صرف ان شخص لاءِ جائز آهي جيڪو بي پرده عورتن جي تصويرن ۽ فلمي اشتهارن جي بي حيا مناظر وغيره کان نگاهن جي حفاظت تي قدرت رکندو هجي، گناهن ڀريون تحريرون وغيره بنا اجازت شرعي نہ پڙهندو هجي. ڪجھ اخبارن ۾ ڪيئي دفعا واهيات ۽ بيهوده ڳالهين سان گڏوگڏ گمراھ ڪرڻ وارا ڪلمات بلڪ ڪڏهن تہ مَعَاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪفر بہ لکيل هوندا آهن! اهڙا اخبار پڙهڻ واري جي خيالن ۾ جيڪي فساد پيدا ٿي سگهن ٿا اهو هر باشعور شخص سمجهي سگهي ٿو. هتي اها ڳالھ عرض ڪندو هلان جيڪڏهن ڪڏهن ڪنهن عالمِ دين بلڪ عام ماڻهو ڪي بہ اخبار پڙهندي ڏسو تہ هرگز بدگماني نہ ڪيو، بلڪ ذهن ۾ حُسنِ ظن جمايو تہ اهي شرعي احتياطن جو لحاظ رکندي مطالعو ڪري رهيا هوندا. عام ماڻهو جي لاءِ اهڙو اخبار جيڪو گناهن ڀريو هجي ان ڪي پڙهڻ جي دوران پاڻ ڪي گناھ ۽ گمراهي کان بچائڻ انتهائي مشڪل آهي ۽ ڇو جو ڪڏهن ڪڏهن غير محتاط اخبارن جي تحريرن ۾ ڪُفر بہ هوندا آهن انهي لاءِ ان جو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو.**
**(ابن عدي)**

**مطالعو** مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ **ڪُفر جي اُونهي کڏ ۾ وڃي ڪرڻ جو سبب بہ** بڻجي سگهي ٿو. رهيا ڪافرن جا اخبار تہ انهن جي طرف تہ عام مسلمان ڪي نِهارڻ بہ نہ گهرجي جو جڏهن مسلمانن جا ڪيترائي اخبار ڇڙواڳ جا شڪار آهن تہ انهن جي ڇا ڳالھ ڪجي! ظاهر آهي انهن ۾ تہ ڪفر جي پرمار هوندي ۽ اهي پنهنجي باطل مذهب جي تبليغ بہ ڪندا هوندا. بهرحال مسلمان کي صرف اخبار بيني ئي نہ هر ڪم جي آغاز کان پهرين ان جي اُخروي انجام تي غور ڪرڻ گهرجي ۽ هر ان ڪم کان بچڻ گهرجي جنهن ۾ آخرت جي بگاڙ جو خوف هجي. ياد رکو! ”ناهڻ“ تمام مشڪل آهي جڏهن تہ ”بگاڙڻ“ تمام آسان. ڏسو! گهر ناهڻ ڪيتري قدر مشڪل ڪم آهي پر ان کي ڊاهڻو هجي تہ هڪ لمحي ۾ ڊاهي پٽ ڪيو وڃي ٿو! اهڙي ئي طرح لکڻ يا نقشو وغيره ناهڻ مشڪل ان کي بگاڙي ڇڏڻ انتهائي آسان، فرنيچر ناهڻ مشڪل ان کي ٽوڙي ڦوڙي بگاڙڻ آسان، ماني پچائڻ مشڪل پڪل کي بگاڙڻ آسان، ڪنهن کي ويجهو ڪري دوست ناهڻ تمام مشڪل پر بہ لفظ مثلاً ”پري ٿي وڃ!“ چئي ڪري دوستي بگاڙي ڇڏڻ بلڪل آسان، اخبار کي مختلف مرحلن مان گذاري فائنل ڪرڻ پوءِ ڇاپڻ وغيره مشڪل پر ڦاڙي بگاڙڻ آسان، اهڙي ئي طرح آخرت کي بہ سمجهو تہ ان کي بهتر بڻائڻ جي لاءِ خوب عبادت ۽ رياضت ڪرڻي، هر گناھ کان بچڻو ۽ نفس جون خواهشون ختم ڪرڻيون پونديون آهن جڏهن تہ بگاڙڻ تمام آسان آهي جيئن شيطان لکين ورھ عبادت ڪري هڪ مقام حاصل ڪيو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

هو پر تڪبُّر وڏائي سبب نبي جي توهين ڪري ڳهڙي ڪن ۾ آخرت برباد ڪري ڇڏيائين ۽ هميشه هميشه جي لاءِ جهنمي ٿي ويو. "الله عَزَّوَجَلَّ جي خُفيه تدبير" کان ڪَنبَندي هر معاملي ۾ آخرت جي ڀلائي جي طرف نظر رکڻ هر مسلمان جي لاءِ ضروري آهي. سيپاري 28 سُوْرَةُ الْحَشْر آيت نمبر 18 ۾ فرمان الٰهي عَزَّوَجَلَّ آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَلْتَنْظُرْ نَفْسٌ مَّا قَدَّمَتْ لِغَدٍ ۚ

**ترجمو ڪنزالايمان:** اي ايمان وارؤ! الله کان ڊڄو ۽ ڄڳائي ته هر ساهه سوچي ته سڀاڻي جي واسطي اڳتي ڇا موڪليو

ڪچھ نیکیاں کمالے جلد آخرت بنالے
کوئی نہیں بھروسا اے بھائی! زندگی کا (وسائلِ بخشش ص۱۹۵)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## صحافي ڪٿي اوهان جا مخالف نه ٿي وڃن

**سوال:** اوهان کي لڳي نٿو ته اوهان جي اهڙي قسم جي جوابن سان صحافي حضرات اوهان جا مخالف ٿي ويندا؟

**جواب:** آئون صرف الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄڻ وارن مسلمانن سان مخاطب آهيان، مون جيڪي ڪجھه عرض ڪيو آهي منهنجو حُسنِ ظَن آهي ته قلبِ سليم رکڻ وارو هر باضمير صحافي ان کي درست تسليم ڪندو. مون مُلڪ، ملت ۽ آخرت جي ڀلائي جون ڳالهيون ئي ته عرض ڪيون آهن، جڏهن اسلامي شريعت کان هٽي ڪري بلڪ ملڪي قانون جي به خلاف ڪو ڪلام ناهي ڪيو ته ڪو مسلمان صحافي مون سان ڇو اختلاف ڪندو! نفس جي حيلي بازين ۾ اچي ڪري، غير شرعي مصلحتن کي بهانو بڻائي منهنجي طرفان پيش ڪيل

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.** (طبراني)

خيرخواهي جي اسلامي حڪمن جي مخالفت ڪري ڪو مسلمان پنهنجي آخرت ڇو بگاڙيندو! ها خدانخواسته مون ڪا ڳالهه ملڪي قانون سان ٽڪرائڻ واري يا شريعت جي خلاف ڪري ڇڏي آهي ته براءِ ڪرم! قانون ۽ شرعي دليلن سان منهنجي اصلاح فرمايو مون ڪي پنهنجي نقطهءِ نظر تي بنا سبب اَڙيَل نه اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ مهرباني سان گڏ رجوع ڪندڙ پائيندا. بيشڪ آئون مڃان ٿو ته ڇڙواڳي جو دور آهي ۽ پاڻي مٿي کان مٿي تي چڪو آهي ان لاءِ شايد منهنجون اهي التجائون صحرا ۾ صدا بڻجي وڃن ۽ اهو به ڪجهه بعيد ناهي ته ڪو نادان دوست، اڏوريون ڳالهيون ٻڌي ڪري يا ٻڌل ٻڌايل ڳالهين ۾ اچي مون کان رُسي وڃي. اهڙن جي لاءِ آئون صرف ڪنهن جو هي شعر ئي پڙهي سگهان ٿو:

ہم ''دعا'' لکھتے رہے وہ ''دغا'' پڑھتے رہے
ایک نُقطے نے ہمیں ''مَحرم'' سے ''مُجرِم'' کر دیا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اخبار ڪهڙي هجڻ گهرجي

**سوال:** اخبار ڪيڻ جائز آهي يا نه؟ جيڪڏهن جائز آهي ته اخبار ڪيئن هجڻ گهرجي؟ ان جي ڇپائي جي لاءِ ڪجهه مدني گل عطا فرمايو.

**جواب:** اخبار ڪيڻ جائز آهي. مسلمان هر معاملي ۾ شرعي حڪمن جو ماتحت آهي ۽ اخبار جي معاملي ۾ به ان کي شريعت جي پاسداري ڪرڻي پوندي. خبردار! اخبار جو معاملو انتهائي نازڪ آهي، معمولي بي احتياطي مسلمانن کي فتني ۽ فساد پاڻ ۾ ڪينو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

۽ دشمني لڙائي، گناه ۽ ڏوهن بلڪ گمراهي ۽ اِلحاد جي غار ۾ ڌِڪي ڪري برباد ڪري سگهي ٿي ۽ ان جو اُخروي وبال اخبار جي مالڪن ۽ ذميدارن تي اچي سگهي ٿو. انهن خطرن کان بچڻ جي لاءِ 16 مدني گل (جن جي ضمن ۾ پاڪستان جون قانوني شقون بہ شامل آهن) قبول فرمايو.

﴿1﴾ اخبار جو ايڊيٽر نيڪ پرهيزگار عالم دين هجي يا با عمل علماءِ ڪرام جي مجلس جي ماتحت ڪم ڪرڻ وارو.

﴿2﴾ عالم سڳورا هر خبر، خط، نظم، ڪالم، آرٽيڪل ۽ اشتهار وغيره اول تا آخر غور سان پڙهي ڪري، تنقيح ۽ تفتيش (يعني ڇنڊڇاڻ) ڪري اجازت ڏين، تڏهن اخبار (يا ماهنامو وغيره) ڇپائي جي لاءِ پريس ۾ وڃي.

﴿3﴾ ڪنهن معين ماڻهو يا برادري جي مذمت، عيب ڪولڻ ۽ ايذاءُ رساني تي مشتمل خبرون بنا شرعي اجازت جي نہ ڇاپيون وڃن.

﴿4﴾ اهڙو شخص جنهن جي شر کان ماڻهن کي بچائڻ مقصود هجي ۽ فتني ۽ امن عامہ ۾ نقصان جو ڊپ نہ هجي تہ ثواب جي نيّت سان ان جو نالو ۽ ان ۾ موجود صرف خاص ان خرابي جي اشاعت ڪئي وڃي جيڪا مسلمانن جي لاءِ نقصانڪار هجي. فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: ”ڇا فاجِر جي ذڪر کان بچو ٿا ان کي ماڻهو ڪڏهن سڃاڻندا! فاجر جو ذڪر ان شيءِ سان ڪريو جيڪا ان ۾ آهي تہ جيئن ماڻهو ان کان بچن. (السنن الڪبري للبيهقي ج 10 ص 354 حديث 20914)

﴿5﴾ ڪنهن معين شخص جي ڪامياب يا ناڪام خودڪشي جي خبر

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا. (كنزالعمال)

نه شايع ڪئي وڃي.

﴿6﴾ ڪنهن بد مذهب جو بيان يا مضمون وغيره شرعي غلطين ڪان پاڪ هجي تڏهن به نه ڇپيو وڃي جو ان جو هڪ نقصان هي به ٿي سگهي ٿو جو پڙهڻ وارا ان بد مذهب سان متعارف ٿيڻ سان گڏوگڏ ان جي شخصيت کان متاثر ٿي سگهن ٿا، جيڪو ايمان جي لاءِ موتمار زهر آهي. ياد رهي! عقيدي جو فساد عمل جي فساد کان تمام گهڻو بدتر آهي.

﴿7﴾ ڪنهن "سياسي پارٽي" سان ڳٺ جوڙ ڪري ان جي ماتحت نه رهيو وڃي جو ڪوڙي خوشامدي، مخالف ماڻهو جي اجائي مخالفت، عيب کولڻ، الزام تراشي ۽ مسلمانن جي ايذاء رساني وغيره وغيره گناهن کان بچڻ تقريباً نا ممڪن ٿي ويندو ۽ ماتحتي جي سبب اهڙي اخبار جي "آزادي صحافت" خود بخود ختم ٿي ويندي !!!

﴿8﴾ انهن خبرن ۽ بيانن جي ڇپائي نه ڪئي وڃي جن سان مسلمانن ۾ انتشار ٿئي يا وطن عزيز جي وقار کي ٺيس پهچي.

﴿9﴾ ملڪي راز ظاهر نه ڪيا وڃن.

﴿10﴾ قلم تخريبي نه صرف ۽ صرف تعميري انداز ۾ هلايو وڃي ۽ تحريرن جي ذريعي مسلمانن کي نيڪ ڪم ۽ غير مسلمن کي دين اسلام جي ويجهو ڪيو وڃي.

﴿11﴾ پنهنجي اخبار سان لاڳاپيل صحافين تي تحفن ۽ خصوصي دعوتون قبول ڪرڻ جي حوالي سان پابندي رکي وڃي جو اڪثر صورتن ۾ اهي رشوتون هونديون آهن ۽ انهن جي ڪري اڪثر

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

ڪري لحاظ ۾ گناهن ڀريل بيانن وغيره جي ڇپائي ڪرڻي پئجي ويندي آهي!

﴿12﴾ فلم ايڊيشن، فلمي صفحو، فلمن، اسٽيج ڊرامن، ۽ ميوزيڪل پروگرامن، ناجائز شين ناجائز ڪمن وغيره جا گناهن ڀريا اشتهار ڏيڻ کان ڪُلّي طور تي لازمي پرهيز ڪئي وڃي.

﴿13﴾ اليڪٽرانڪ ميڊيا جي گناهن ڀريي پروگرامن جي فهرست شايع نہ ڪئي وڃي.

﴿14﴾ شرعي طور تي ڏوهہ ثابت ٿيڻ جي صورت ۾ بہ جيئن تہ معين شخص جي بنا مصلحت خبر مشهور ڪرڻ جي شرعاً اجازت ناهي تنهنڪري ان جي پرده پوشي ڪئي وڃي ۽ ممڪن صورت ۾ ذاتي طور تي نيڪي جي دعوت جي ذريعي اهڙي ڏوهاري جي اصلاح جي صورت ڪڍي وڃي. ڊونديورو ڀِتَڻ ۽ اخبارن ۾ خبرون چمڪائڻ سان سڌار بدران اڪثر بگاڙ پيدا ٿيندو آهي ۽ اڪثر دفعا ضد ۾ اچي ڪري ”ننڍو ڏوهاري“ وڏي ڏوهاري جو روپ اختيار ڪري وٺندو آهي!

﴿15﴾ جاندارن جون تصويرون نہ ڇپيون وڃن (جيڪي عالم سڳورا مووي ۽ تصوير ۾ فرق ڪندي مووي کي جائز چون ٿا انهن جي فتوىٰ تي عمل ڪندي دعوت اسلامي ”مدني چينل“ جي ذريعي پوري دنيا ۾ اسلام جي خدمت ڪرڻ ۾ ڪوشان آهي)

﴿16﴾ بهتر هي آهي تہ اخبار ۾ قرآني آيتون ۽ انهن جو ترجمو نہ ڇاپيو وڃي ڇاڪاڻ تہ جتي آيت يا ان جو ترجمو لکيل هجي ۽ ان

فرمان مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

جي بلڪل پنيان بنا پاڪائي جي ڇُهڻ حرام آهي ۽ اڪثر ماڻهو بي وضو اخبار پڙهندا آهن ۽ مسئلو نہ معلوم هجڻ جي سبب ڪري ڇهڻ جي گناهہ ۾ پوندا هوندا.

ميں تحرير سے دِيں کا ڈنکا بجادوں
عطا کر دے ايسا قلم ياالٰہی (وسائلِ بخشش ص۸۳)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اخبار جي دفتر ۾ ڪم ڪرڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** گناهن ڀريي اخبار جي دفتر ۾ ڪم ڪرڻ ۽ اخبار جي ڇپائي وغيره ۾ مدد ڪرڻ ڪيئن آهي؟ پگهار جائز ٿيندي يا ناجائز؟

**جواب:** گناهن ڀريو اخبار مڪمل طور تي گناهن ڀريو ناهي هوندو، ان ۾ جائز تحريرون بہ شامل هونديون آهن، جيڪڏهن صرف جائز مضمونن جي نوڪري آهي تہ جائز ۽ ان جي پگهار بہ جائز ۽ جيڪڏهن ناجائز ڪم ئي ڪرڻو پوي ٿو تہ نوڪري بہ ناجائز ۽ پگهار بہ ناجائز. جيڪڏهن ٻنهي طرح جا ڪم ڪرڻا پون ٿا تہ جيترو جائز ڪم ڪيو ان تي ملڻ واري اُجرت جائز، ۽ جيترو ناجائز ڪم ڪيو اوتري اُجرت ناجائز. ذڪر ڪيل دفتر ۾ اهڙو ڪم ڪرڻ جائز آهي جنهن ۾ گناهہ ۾ ڪنهن طرح جي مدد نہ ڪرڻي پوندي هجي. مثلاً چوڪيداري وغيره.

## اخبار وڪڻڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** اخبار وڪڻڻ جائز آهي يا نہ ؟

**جواب:** اهو اخبار جيڪو بنيادي طور تي خبرن تي مشتمل هجي پر

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

ڪجھ حصو هر قسم جي اشتهارن تي بہ مشتمل هجي انهن جو وڪڻ اخبار وڪڻندڙن جي لاءِ جائز آهي ۽ ڪمائي بہ حلال آهي جڏهن تہ جيڪي اخبار بنيادي طور تي فلمن يا ناجائز ڪمن جي مشهوري ئي جي لاءِ هجن انهن جو وڪڻ ناجائز آهي.

رزق حلال دے مجھے اے میرے کبریا

دیتا ہوں تجھ کو واسِطہ تیرے حبیب کا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# ماخذ و مراجع


| كتاب | مطبوعه | كتاب | مطبوعه |
|---|---|---|---|
| قرانِ پاک | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی | فیض القدیر | دارالکتب العلمیۃ بیروت |
| تفسیر روح البیان | کوئٹہ | مراۃ | ضیاء القرآن مرکز الاولیاء لاہور |
| خزائن العرفان | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی | فتاویٰ رضویہ | رضا فاؤنڈیشن مرکز الاولیاء لاہور |
| بخاری | دارالکتب العلمیۃ بیروت | بہار شریعت | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی |
| مسلم | دار ابن حزم | دلائل النبوۃ | دارالکتب العلمیۃ بیروت |
| سنن ابوداود | داراحیاء التراث العربی بیروت | ابن عساکر | دارالفکر بیروت |
| ترمذی | دارالفکر بیروت | جمع الوسائل | مدینۃ الاولیاء ملتان |
| سنن ابن ماجہ | دارالمعرفۃ بیروت | تنبیہ الغافلین | دارالکتاب العربی بیروت |
| مصنف عبدالرزاق | دارالکتب العلمیۃ بیروت | بستان الواعظین | دارالکتب العلمیۃ بیروت |
| معجم کبیر | داراحیاء التراث العربی بیروت | القول البدیع | مؤسسۃ الریان بیروت |
| معجم اوسط | دارالکتب العلمیۃ بیروت | اِحیاء العلوم | دارصادر بیروت |
| شعب الایمان | دارالکتب العلمیۃ بیروت | کیمیائے سعادت | انتشارات گنجینہ تہران |
| السنن الکبری | دارالکتب العلمیۃ بیروت | وسائل بخشش | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی |
| الجامع الصغیر | دارالکتب العلمیۃ بیروت | ☆☆☆ | ☆☆☆ |

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي . (حاڪم)

# فهرست


| | |
|---|---|
| دُرُود شريف جي فضيلت | 1 |
| صَحافت ڇا کي چئبو آهي | 1 |
| موجوده صحافت جا ٻہ قسم | 2 |
| دنيا جي سڀ کان پهرين اخبار | 2 |
| خودڪُشي جون خبرون | 3 |
| پاسن کان گوشت ڪَٽي کارائڻ جو عذاب | 5 |
| خُودڪُشي ۾ ناڪام رهڻ وارن جون خبرون | 6 |
| مارجي ويندڙ ڌاڙيلن جي مذمّت | 7 |
| هِن وقت جنت جي نَهرن ۾ غوطا هڻي رهيو آهي | 8 |
| چور ڌاڙيل جي گرفتاري جون خبرون ڏيڻ | 9 |
| تو چوري ڪئي (حڪايت) | 10 |
| گرفتار ٿيل چور جي خبر لڳائڻ ڪيئن؟ | 12 |
| چور کان وڏو ڏوهاري | 13 |
| ملزم جو نالو ڇاپڻ ڪيئن؟ | 14 |
| مسلمان جي بي عزتي ڪبيرو گناهہ آهي | 15 |
| خداءِ مصطفيٰ کي ايذاءُ ڏيڻ وارو | 15 |
| دهشت گردي جي واردات ڇاپڻ جا نقصان | 16 |
| دهشت گردي جي خبر اخبار جي جان هوندي آهي | 18 |
| صحافت جي آزادي | 19 |
| سُنا بار گهر جي ڳالهہ ٻاهر نہ ڪندا آهن!“ | 20 |
| اهڙي خبر نہ ڇاپيو جيڪا فتنا جاڳائي | 22 |
| سنسني خيز خبرون ڦهلائڻ | 23 |
| صحافين جو ڪوڙي ڳالهيون ڪيرائڻ | 23 |
| مسلمانن جي عيب جوئي نہ ڪريو | 24 |
| تہ تُون اُنهن کي ضايع ڪري ڇڏيندين | 25 |
| عيب تلاش ڪندڙ پاڻ خوار ٿيندو | 26 |
| مسلمانن جا عيب ڳولڻ منافق جو ڪم آهي | 27 |
| بدڪاري جي خبر لڳائڻ ڪيئن آهي؟ | 27 |
| زنا جو شرعي ثبوت | 28 |
| لوهہ جي 80 ڪَوڙَن جي سزا | 28 |
| اشتهارن جي باري ۾ مَدَني گُل | 29 |
| فلمي اشتهار | 31 |
| اخباري مضمون ڪئين هُجن؟ | 31 |
| عُلَماءِ ۽ مَشَائِخ جي ڪردار ڪُشي | 32 |
| ڪجهہ ڪالم لکندڙن جا ڪارناما | 33 |
| گناهن ڀري تحرير مرڻ کانپوءِ گناهہ جاري رکي | 33 |
| هڪڙو غلط لفظ ڪٽي دوزخ ۾ نہ وجهي ڇڏي | 34 |
| مضمون لکندڙ جي لاءِ مدني گُل | 35 |
| هڪ مُصنف جي حڪايت | 36 |
| ٻڌل ٻڌايل ڳالهہ سبب ڪنهن کي گنهگار چوڻ | 36 |
| ڇا هر خبر ڇاپڻ کان پهرين خوب تحقيق ڪرڻي پوندي؟ | 38 |
| شيطان ڪُوڙي خبر مشهور ڪندو آهي | 39 |
| پاڪستان جي قيام کان فوراً بعد افواهہ جي سبب ٿيڻ وارو فساد | 40 |
| بيان جي ترديد ڪرڻ جو طريقو | 42 |
| ايڊيٽر کي ڪيئن هجڻ گهرجي؟ | 44 |
| ماڻهن جي حالات بابت معلومات رکڻ | 44 |
| خبرون معلوم ڪرڻ جون سنيون سنيون نيّتون | 45 |
| خبر معلوم ڪرڻ جي انوکي حڪايت | 46 |
| اخبار پڙهڻ ڪيئن ؟ | 47 |
| صحافي ڪٿي اوهان جا مخالف نہ ٿي وڃن | 49 |
| اخبار ڪهڙي هجڻ گهرجي | 50 |
| اخبار جي دفتر ۾ ڪم ڪرڻ ڪيئن آهي؟ | 54 |
| اخبار وڪڻڻ ڪيئن آهي؟ | 54 |


## هر صبح هي نيّت ڪري وٺو

اڄ جو ڏينهن اک، ڪن، زبان ۽ هر عضوي کي گناهن ۽ فضوليات کان بچائيندي، نيڪين ۾ گذاريندس. اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ

